Website: dailysukaarkarachi.com

سائينم سدائين ڪرين متي سنڌ سُڪار (شاهه)

ABC CERTIFIED

DAILY SUKAAR KARACHI

رجسٽرڊ نمبر SS-1245

روزاني سُڪار ڪراچي

چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو

جلد (20) | سومر 19 مئي 2025ع بمطابق 21 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 71) قيمت 10 رپيا

پگهاردار طبقي تي ٽيڪس گهٽائڻ تي آءِ ايم ايف جو اعتراض، 700 ارب جا ٽيڪس لڳندا، ڳالهيون اڄ کان شروع

2 جون تي پارليامينٽ ۾ 2025_26 جي بجيٽ جي اعلان سان گڏ حڪومت آءِ ايم ايف کان پگهاردار طبقي، تمباڪو ۽ مشروبات جي شعبي لاءِ ٽيڪسن ۾ سڌارن جي درخواست ڪئي

جيڪڏهن 0.2 ملين کان 0.4 ملين رپين ماهوار آمدني رکندڙ وچولي طبقي لاءِ ٽيڪس جي شرح گهٽ ڪئي وڃي ٿي ته ان صورت ۾ امڪاني وڌندڙ آمدني بابت پڇا ڳاڇا ٿي: آءِ ايم ايف جو موقف

پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي بجيٽ تي پاليسي سطح جون ڳالهيون سياڻي کان شروع ٿينديون، پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ پاليسي ڳالهيون 23 مئي تائين جاري رهنديون

هن سال پاڪستان جي موجوده آمدني لڳ ڀڳ 17.8 ٽريلين رپيا آهي، آءِ ايم ايف غير ترقياتي خرچن ڪي گهٽائڻ لاءِ سخت ڪنٽرول چاهي ٿو

پاڪستان کي ايندڙ مالي سال ۾ تقريبن 19 ارب ڊالر جو قرض واپس ڪرڻو آهي، آءِ ايم ايف انهن قرضن جي پائيدار ادائيگي تي زور ڏئي رهيو آهي

ايندڙ مالي سال لاءِ ملڪيت جي خريداري ۽ وڪري تي فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي ختم ڪرڻ تي ڳالهيون ٿينديون، پاڪستان آءِ ايم ايف وٽ سپر ٽيڪس ختم ڪرڻ جي تجويز ڪٺي رهيو آهي، ايف بي آر ذريعا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ/ م د) پاڪستان ۽ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) 700 ارب رپين جا وڏيڪ ٽيڪس گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف قدمن تي غور شروع ڪيو آهي، پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف ايندڙ مالي سال 2025_26 جي بجيٽ ۾ اضافي 700 ارب رپيا حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيڪس ۽ ان جي لاڳو ٿيڻ وارن قدمن تي ويچار ڪري رهيا آهن، 2 جون تي پارليامينٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايم ايف وفد سان ملاقات ڪندي

ڊونلڊ ٽرمپ چونڊن ۾ حمايت نه ڪرڻ تي ٽيلر سوئفٽ کي ڀيهر نشاني تي وٺي ڇڏيو، ٽٽول

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ /ڏسو صفحو 2 بقايا 02

ڀارت جو سيٽلائيٽ مشن لانچنگ جي ٽئين مرحلي ۾ ٽيڪنيڪي خرابي سبب ناڪام

نئين دهلي (م د) ڀارت جو سيٽلائيٽ مشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 03

دهشتگردن جو سربراهه ڀارت وساري ويٺو ته پاڪستاني فوج ۽ قوم ڪڏهن ننڍا جهڪي سگهن: ڊي جي آءِ ايس پي آر

پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ کي سمجهڻ لاءِ ان جو پس منظر ڄاڻڻ انتهائي ضروري آهي، ڀارت هن خطي، خاص طور تي پاڪستان ۾ دهشتگردي جو اصل سرپرست آهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف

ڀارت حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙن بيانن جي پٺيان لڪي رهيو آهي، پهلگام واقعي جي ڪجهه منٽن کانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان تي الزام لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا

ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٻن ڏينهن کانپوءِ پاڻ تسليم ڪيو ته جاچ اڃا جاري آهي، جاچ ۽ شاهدن کان سواءِ الزام لڳائڻ ڪهڙي سمجهداري آهي؟

پاڪستان چيو ته جيڪڏهن ثبوت آهن ته اهي ڪنهن به ٽئين ڌر ڏانهن ڏيو، اسان سهڪار لاءِ تيار آهيون پر ڀارت ان منطقي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو، ڀارت هڪ طرفو ميزائل فائر ڪيا

پاڪ فوج تي ملڪ جي خودمختياري ۽ سرحدن جي حفاظت جي مقدس ذميواري آهي، جيڪا اسان پوري ڪئي ۽ هر قيمت تي ڪندا رهنداسين، پاڪستان ڀارت کي ترت، سخت ۽ اثرائتو جواب ڏنو

اسان ذميواري ۽ احتياط سان رڳو فوجي هدفن کي نشانو بڻايو، ڀارت جي بچاءَ واري وزارت جي ترجمان پاڻ جنگبندي جي اپيل ڪئي: پرڏيهي خبرو اداري سان ڳالهائيندي

راولپنڊي (م د) پاڪ فوج جي ترجمان ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته ڀارت هن خطي، خاص طور تي پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرپرستي ڪري رهيو آهي. پرڏيهي خبرو اداري سان ڳالهائيندي ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ کي سمجهڻ لاءِ ان جو پس منظر ڄاڻڻ انتهائي ضروري آهي، ڀارت هن /ڏسو صفحو 2 بقايا 01

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر احمد شريف چوڌري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

غزه ۾ اسرائيلي جارحيت جاري، شهيد فلسطينين جو انگ 1 سئو 25 ٿي ويو

موجب غزه جي سيف زون ۾ المواسي ڪئمپ تي اسرائيلي حملي ۾ 36 فلسطيني شهيد ٿي ويا

غزه تي تازين اسرائيلي حملن ۾ ٽي وڌيڪ صحافي پڻ شهيد ٿيا: عالمي ميڊيا

7 آڪٽوبر 2023 کان وٺي غزه ۾ اسرائيلي جارحيت ۾ 230 کان وڌيڪ صحافي شهيد ٿي چڪا

غزه (م د) صبح کان غزه تي جاري اسرائيلي حملن ۾ مارجي ويل فلسطينين جو انگ 125 تائين پهچي ويو آهي. عرب ميڊيا جي رپورٽن موجب غزه جي سيف زون ۾ المواسي ڪئمپ تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 05

سمورا هدف حاصل ڪنداسين: اسرائيل غزا ۾ نئين آپريشن تحت حملا شروع

تازا حملا هڪ شروعاتي مرحلي جو حصو آهن، مقصد جنگ جا سمورا هدف حاصل ڪرڻ آهي

حملا غزا پٽي ۾ جنگ وڌائڻ جو حصو آهن، مقصد مغوين جي آزادي ۽ حماس جي شڪست قرار

ان کان علاوه جنگ جا سمورا هدف حاصل ڪيا ويندا، جمعي تي غزا تي اسرائيلي حملن ۾ 100 ڄڻا شهيد ٿي ويا آهن

تل ابيب (م د) اسرائيلي فوج چيو آهي ته فلسطيني علائقي غزا تي وڏي پيماني تي حملا شروع ڪري ڇڏيا آهن. چنچر تي اسرائيلي فوج ٻڌايو ته تازا حملا هڪ شروعاتي مرحلي جو حصو آهن، جنهن جو مقصد جنگ جا سمورا هدف حاصل ڪرڻ آهي. اسرائيلي فوج ٽيلي گرام تي عربي بولي ۾ هڪ بيان ۾ چيو ته هي حملا غزا /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

وزيراعظم شهباز شريف اڄ ڪراچي ايندو، بحريا جي جوانن سان ملاقات ڪندو

وزيراعظم شهباز آپريشن بنيان مرصوص ۾ ڪردار ادا ڪندڙ بحريا جي جوانن ۽ آفيسرن سان ملاقات ڪندو

پاڪ بحريا جو سربراهه ايڊمرل نويد اشرف وزيراعظم جي آجيان ڪندو، گورنر ۽ وڏي وزير پڻ ساڻس ملندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف سياڻي ڪراچي جو دورو ڪندو. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف /ڏسو صفحو 2 بقايا 07

پاڪ فوج ڀارت جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو آهي: سنڌ جو گورنر جي حيدرآباد آمد

اڄ هتي هڪ شئي ڏسڻ جي قابل آهي ته ايئر فورس جي جوان جنهن جون ٻه سرجيريز ٿيون ان جي ڇهري تي نور ڏٺو

حيدرآباد جا نوجوان اميدوار پروسو رکن، ڪراچي جا نوجوان اهڙن ڪورسن مان ڊالرن ۾ ڪمائي رهيا آهن

سي ايم ايچ ڪنٽونمينٽ صدر حيدرآباد ۾ پاڪ ڀارت جنگ ۾ زخمي ٿيندڙ پاڪ فوج جي جوانن جي عيادت بعد ڳالهيون

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ڪمبائينڊ ملٽري اسپتال (/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

حيدرآباد: گورنر ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پاڪ، چين ۽ افغان پرڏيهي وزير بيجنگ ۾ اهم ملاقات ڪندا

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سياڻي چين جي دوري تي بيجنگ پهچندو

افغانستان جو عبوري پرڏيهي وزير امير خان متقي 20 مئي چين پهچندو

گڏيل واپار کي هٿي ڏيڻ سيڪيورٽي سهڪار ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪيون وينديون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سياڻي چين جي دوري تي بيجنگ پهچندو جتي چيني /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

وفاقي وزيرن جي وفد جي سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات

گورنر هائوس ڪراچي ۾ محمد اورنگزيب، راڻا ثناءُالله، اويس لغاري ۽ علي پرويز شامل

ايندڙ سال تائين ملڪ کي قرض کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين: گورنر سنڌ

ملڪ کي سياسي ۽ معاشي طور مضبوط بڻائڻو پوندو، معاشي استحڪام لاءِ سڀئي ڪردار نڀائن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزيرن گورنر هائوس ڪراچي ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ملاقات ڪئي. وفد ۾ ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، سياسي معاملن بابت خاص /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

پاڪستان جن طالبان لاءِ الزام برداشت ڪيا، اهي دشمن گڏ بيٺا آهن: خواجا آصف

پاڪستان جن طالبان لاءِ آمريڪا ۽ اولهه ملڪن جا الزام برداشت ڪيا، اهي ڀارت ۽ اسرائيل سان گڏ آهن

اهو مان نه ٿو چوان، اهو پراوين ساهني چئي رهيو آهي، جيڪو ڀارتي ميڊيا جو آواز آهي: بچاءَ وارو وزير

پاڪستان خلاف آپريشن سندور تي سڄي دنيا ۾ رڳو اسرائيل ۽ افغانستان ڀارت جي حمايت ڪئي

سيالڪوٽ (م د) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته پاڪستان جن طالبان لاءِ آمريڪا ۽ اولهه ملڪن جا الزام برداشت ڪيا، اڄ اهي ئي طالبان ڀارت ۽ اسرائيل /ڏسو صفحو 2 بقايا 08

سيالڪوٽ: بچاءَ وارو وزير خواجا آصف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

بي جي پي پنهنجي هندوتوا نظريي سبب ڀارت کي تباهه پيو ڪري: اداڪارا نيلم منير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) من موهڻي اداڪارا نيلم منير به ڀارتي جارحيت تي آواز اٿاري ڇڏيو. نيلم منير انسٽاگرام تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 09

سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين ڪوٽ باوجود پنجاب سي جي ۽ ٽي پي ڪئنالن جي ڪٽ وڌائي ڇڏي

سنڌ جي سمورن بئراجن کي هڪ لک 5 هزار ڪيوسڪ انڊينٽ باوجود رڳو 40 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو، سنڌ جي واهڻ وستي سڪي ٺوٺ ٿيڻ لڳي

پنجاب جي رڳو غير قانوني چشما جهلم لنڪ فلڊ ڪئنال کي 17 هزار ۽ تونسا پنجند فلڊ لنڪ ڪئنال کي 8404 ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ سان گڏ ديرپرڻ جو سلسلو پڻ جاري

پنجاب سنڌو درياهه تان ٿل ڪئنال ۾ 7500 ڪيوسڪ، ڊيرا غازي خان ۾ 5500 ڪيوسڪ، مظفر ڳڙهه ڪئنال ۾ 5500 ڪيوسڪ ڪٽ جاري

ڪچي ڪئنال ۾ 600 ڪيوسڪ سان گڏ سي آر بي سي جنهن ۾ پنجاب جا 1500 ڪيوسڪ آهن، ان ۾ 4000 هزار ڪيوسڪ ڪٽڻ لڳو

پنجاب کي سٺو سيڪڙو پاڻي ڪنڊي تي ملڻ باوجود ايندڙ ربيع جي فصل جي پوکائي لاءِ بيمن ۾ لاڳيتو پاڻي جمع ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري هن وقت سمورا ذخيرا 25.8 سيڪڙو ڀرجي ويا

ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي ڪوٽ 62 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، پنجاب، ارسا ۽ واپڊا جي هوڏ سبب سنڌ ۾ مجموعي پاڻي جي ڪوٽ 34 سيڪڙو برقرار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين ڪوٽ باوجود پنجاب چشما جهلم ۽ تونسا پنجند جي ڪٽ 25 هزار ڪيوسڪ کان به وڌائي ڇڏي آهي، ميڊيا کي مليل دستاويزي ثبوتن موجب سنڌ جي سمورن بئراجن کي هڪ لک 5 هزار ڪيوسڪ انڊينٽ باوجود رڳو 40 هزار 600 /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

سنڌ حڪومت جو چين جي سهڪار سان ڪراچي ۾ جديد سپر مني ٽرڪ پلانٽ لڳائڻ جو اعلان

سنڌ حڪومت ۽ چين وچ ۾ صنعتي سهڪار تحت ڪراچي ۾ "سپر مني ٽرڪ" جي اسيمبلنگ لائين جلد قائم ڪئي ويندي: شرجيل انعام ميمڻ

چيني سيڙپڪار هن اهم منصوبي لاءِ ڪراچي ۾ پلانٽ لڳائڻ تي راضپو ظاهر ڪري چڪا آهن، مختلف واپاري گروپن، مقامي صنعتن ۽ نوجوان افرادي قوت کي فائدو پهچندو

چيني ڪمپني "چيري هولڊنگ" ۽ "پيڊي ٽيڪنالاجي ڪمپني لميٽيڊ" جي پائيواري سان تيار ڪيل سپر مني ٽرڪ هڪ انقلابي ايجاد آهي

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چين ۾ منعقد هڪ تقريب دوران خطاب، ان موقعي تي سيد ناصر حسين شاهه پڻ موجود هو

سپر مني ٽرڪ جو منصوبو پاڪ_چين صنعتي سهڪار ۽ ٽيڪنيڪي سهڪار جي شاندار مثال آهي

شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ لاجسٽڪ مسئلن جو حل پيش ڪري ٿي، اها ٽرانسپورٽ جو هڪ پائيدار، سستو ۽ دستياب ماڊل پڻ آهي

ڪراچي/ بوزهو (رپورٽر) سنڌ حڪومت چين جي سهڪار سان جلد ئي ڪراچي ۾ سپر مني ٽرڪ جي اسيمبلنگ لائن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، ۽ چيني سيڙپڪارن ڪراچي ۾ پلانٽ لڳائڻ تي رضامندي ظاهر ڪئي آهي سنڌ حڪومت طرفان سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڀارت ۾ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب ٻارن سميت 17 ڄڻا موت جو ڪاڄ بڻجي ويا

ڀارتي شهر حيدرآباد ۾ هڪ عمارت ۾ گرائونڊ فلور تي زيورن جو دڪان شارٽ سرڪٽ سبب باهه وڪوڙيو

باهه جلدي ۾ پوري عمارت کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو، جنهن سبب باهه ۾ 17 ماڻهو مارجي ويا

باهه سبب فوت ٿي ويلن 5 سالن کان گهٽ عمر جا 6 ٻار به شامل، ڪيترائي زخمي ٿيا آهن ۽ انهن جو علاج هلندڙ

ڀارت (م د) ڀارت ۾ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب ٻارن سميت 17 ماڻهو فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب، ڀارتي شهر حيدرآباد /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

بيجنگ: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ناصر حسين شاهه ۽ چيني وفد گروپ فوٽو ڪڍرائيندي

هيرلوءِ ڊرڙو نه ٿيڻ ڊرڙو هو ۽ نه ئي آخري، عوامي مزاحمت جاري رهندي: ساڄاهه وند

هيرلو ڊرڙي سنڌ ۾ مايوسي ۽ خوف جو ٻت ٽوڙيو، سنڌ جي ماڻهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر روڊن تي اچڻو پوندو

درياهه تي ڌاڙي، ڪارپوريٽ فارمنگ، وسيلن جي ڦرلٽ خلاف پرامن عوامي مزاحمت ڪرڻي پوندي

مستقبل ۾ ايندڙ مائنز اينڊ منرلس ايڪٽ خلاف به روڊن تي نڪرڻو پوندو: جامي چانڊيو ۽ ٻيا

اها ڳالهه درست ناهي ته هيرلوءِ ڊرڙي کان اڳ سنڌ ۾ سياسي مايوسي ۽ مانار هئي، ها دهشت ۽ خوف ضرور ٽٽو

حيدرآباد پريس ڪلب ۾ "هيرلوءِ ڊرڙو: نتيجا ۽ اثر" جي عنوان هيٺ ڪرنايل ويهڪ کي مسرور شاهه جو خطاب

ويهڪ کي ايڊووڪيٽ امر حسيب پنهور، ڊاڪٽر امير چانڊيو، ڊاڪٽر شعبان سهتو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي ساڄاهه وند ڊرين چيو آهي ته هيرلوءِ ڊرڙو نه پهريون ڊرڙو هو ۽ نه ئي آخري، سنڌو درياهه تي ڌاڙو اڃا لڳي پيو. سنڌ جي ماڻهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر روڊن تي اچي درياهه تي ڌاڙي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

وزيراعظم ٻاران ڀارتي اڳرائي کي دنيا ۾ وائکو ڪرڻ لاءِ بلاول جي سربراهي ۾ خاص ڪاميٽي ٺاهڻ

وزيراعظم ڀارتي جارحيت کي عالمي برادري سامهون اجاگر ڪرڻ لاءِ بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي ڇڏي

بلاول ڀٽو زرداري ٺاهي پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ کي ڏسندي وفد سان گڏ يورپ جو دورو ڪري عالمي برادري کي آگاهه ڪندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف ڀارتي جارحيت کي عالمي برادري سامهون اجاگر ڪرڻ لاءِ بلاول ڀٽو زرداري /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ڪراچي شهر ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ موسم اڄ انتهائي /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

اسرائيل مخالف تقرير تي نيو يارڪ يونيورسٽي شاگرد جي ڊگري روڪي ڇڏي

گليٽن اسڪول آف انڊويزيولائزڊ اسٽڊي جي گريجوئيشن اسپيڪر لوگن روزوس جي ڊگري روڪي وئي

پنهنجي تقرير ۾ غزا ۾ جاري نڪرار کي "نسل ڪشي" قرار ڏئي آمريڪا جي اسرائيل جي حمايت تي تنقيد

نيو يارڪ (م د) نيو يارڪ يونيورسٽي گليٽن اسڪول آف انڊويزيولائزڊ اسٽڊي جي گريجوئيشن اسپيڪر لوگن روزوس جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

پارتي ميڊيا غزا ۾ ڏماڪن جون وڊيوز پاڪستان تي حملي طور هلايون: ڀارتي صحافي

ڀارتي ميڊيا ڇڪتاڻ دوران رياستي پروپيگنڊا جو هٿيار بڻيل رهي، جنهن ڀارتي جمهوري دعوائن کي شڪي بڻايو: راج ديپ

انهن سيني خبرن جو نه ڪو ثبوت موجود هو نه ئي ڪا آزاد تصديق، ڀارتي ميڊيا انهن دعوائن کي ائين پيش ڪيو

پاڪستاني جهاز ڪيرائڻ جي خبر غلط هئي، سچ ڳالهائيندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون ٿيو: آمريڪي اخبار سان ڳالهيون

واشنگٽن (م د) آمريڪي اخبار پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته ڀارتي ميڊيا غزا ۾ ڏماڪن جون وڊيوز پاڪستان تي حملي طور هلايون. آمريڪي اخبار موجب ڀارتي ميڊيا ڇڪتاڻ دوران رياستي پروپيگنڊا جو /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

پاڪستان جي حمايت تي ڀارت ترڪيه سان واپاري ۽ تعليمي لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا

پاڪستان جي غير مشروط حمايت تي ترڪي سان پنهنجا واپاري ۽ تعليمي لاڳاپا معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

واضح رهي ته پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ دوران ترڪيه پاڪستان جي موقف جي غير مشروط حمايت ڪئي هئي

اهي ملڪ جيڪي ڀارت جي خود مختياري تي سوال اٿارين ٿا، انهن سان لاڳاپن تي نظرثاني پاليسي جو حصو آهي: ڀارت

نئين دهلي (م د) ڀارت پاڪستان جي غير مشروط حمايت تي ترڪي سان پنهنجا واپاري ۽ تعليمي لاڳاپا معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ڀارتي پرڏيهي وزارت موجب اهو قدم ان ڪري کنيو ويو آهي، /ڏسو صفحو2بقايا 21

پاڪ_ڀارت ڳالهين ۾ ڪشمير مسئلو سرفهرست هوندو: راڻا تنوير

پاڪستان جنگ بندي لاءِ پرعزم آهي پر پاڻ جي دفاع ۾ بلڪل به لاپرواهي نه ڪندو آهي

جيڪڏهن ڀارت ٻيهر جنگي محاذ کولڻ جي غلطي ڪندو ته ان جو فوري طور تي جواب ڏنو ويندو

لاهور (م د) مسلم ليگ نواز جي سينيٽر راڻا تنوير حسين چيو آهي ته ڪشمير جو مسئلو اڳواڻ ۽ صنعت ۽ پيداوار واري وفاقي وزير /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

معدنيات بل کي عمران خان جي آزادي سان مشروط نه ڪيو وڃي: ايمل ولي خان

پختونن لاءِ اهڙي وڏي ڳالهه کي ڪنهن جي آزادي سان مشروط نه ڪيو وڃي: اي اين پي سربراهه

جيڪڏهن مولانا فضل الرحمان کي شامل نه ڪيو ته اچڪزئي کي گرينڊ الائنس جو ميمبر نه ٿو سمجهيو وڃي

پشاور (م د) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي سربراهه ايمل ولي خان چيو آهي ته مائنز اينڊ منرلز بل کي پي ٽي آءِ جي باني جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

ڪوئيٽا ۾ 320 گرام تندوري ماني جي قيمت 30 رپيا مقرر

ڪوئيٽا (ويب ڊيسڪ) ڪوئيٽا ۾ 320 گرام تندوري روٽي جي قيمت 30 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي پرائس ڪنٽرول

سوات ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ زلزلي جا لوڏا، ماڻهن ۾ خوف

زلزلي جي شدت 4.7 هئي ۽ مرڪز زمين کان 205 ڪلوميٽر گهرائي ۾ هو: زلزلي پيما مرڪز

زلزلي سبب ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جا اطلاع ناهن مليا، ماڻهن ۾ خوف ويهجي ويو

سوات (م د) سوات ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي پيما مرڪز موجب زلزلي جي شدت 4.7 هئي /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

ڪراچي ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ 14 ڪلاڪ ٿيڻ لڳي، ڪروڙين رهواسي عذاب ۾ مبتلا

لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ وارن علائقن ۾ به 12 کان 14 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪري عملي ڪارڻ بجلي چوري ٻڌائي ڇڏيو

لياري، اولڊ سٽي ايريا، ڪياماڙي، ڪورنگي، اورنگي، لانڍي، سهراب ڳوٺ، سرجاني ٽائون، ملير ۾ به لوڊشيڊنگ

نيو ڪراچي، نارٿ ڪراچي، گارڊن، لياقت آباد، قائد آباد، ايف بي ايريا، محمود آباد ۾ به بجلي جي اڪ ٻوٽ جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي ڏکهي لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي شهر جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جو دورانيو /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

مالاڪنڊ ۾ باهه گنيار ٻيلي کي وڪوڙي ڇڏيو، جهنگلي جيوت کي نقصان

6 ڏينهن اڳ لڳل باهه 15 ڪلوميٽر جي جبل جي قطار کي پنهنجي لپيٽ ۾ آندو

باهه جهنگلي جيوت کي تمام گهڻو نقصان پهچايو، ڏکيا رستن سبب باهه وسائڻ ڏکي بڻيل

مالاڪنڊ (ويب ڊيسڪ) مالاڪنڊ ۾ هڪ جبل جي قطار ۾ لڳل باهه گنيار جي ٻيلي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا 25

سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ حورالنساءِ پليجو جو مڙهه هزارين آلين اکين سان مٽي ۽ ماءُ حوالي

انقلابي مفڪر رسول بخش پليجي جي ڌيءَ حورالنساءِ جي جنازي نماز جنگشاهي لڳ ڳوٺ مُنگر خان پليجو ۾ ادا

جنازي نماز ۾ اياز لطيف، وسند ٿري، نور احمد ڪاتيار، غلام قادر پليجو، سنڌياڻي تحريڪ جي سوين ڀينرن شرڪت ڪئي

آخري رسمن سياسي سماجي شخصيتن، شهرين توڙي مختلف برادرين جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت

ٺٽو (رپورٽر) عوامي تحريڪ جي سربراهه، عظيم انقلابي مفڪر رسول بخش پليجي جي ڌيءَ حورالنساءِ پليجو کي جنازي نماز کانپوءِ هزارين آلين اکين سان

ٽرمپ جي ننڍي ڌيءُ ٽفني ٽرمپ هرٽيئن ٻار کي جنم ڏئي ڇڏيو

ٽفني ٽرمپ پنهنجي پٽ جي تصوير انسٽاگرام تي شيئر ڪندي نالو پڻ ٻڌايو

ٻلي ڪري آيا، اليگزينڊر ٽرمپ بولس اسان توهان سان ڏاڍي محبت ڪيون ٿا: ٽفني

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ننڍي ڌيءُ ٽفني ٽرمپ هرٽيئن ٻار کي جنم ڏئي ڇڏيو. ٽفني ٽرمپ پنهنجي /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

جناح هائوس حملو، جوابدارن تي فرد جرم لاءِ تاريخ مقرر

دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت جي جج ڪوٽ لکپت جيل ۾ ڪيس جي ٻڌڻي

جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 24 مئي جي تاريخ مقرر ڪئي وئي

لاهور (م د) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت جناح هائوس تي حملي ۾ ملوث جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 24 /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ هراساني جو واقعو، انصاف نه ٿيو

خاتون پروفيسر پنهنجي ساٿي اسسٽنٽ پروفيسر عبدالمجيد پيرزادو خلاف درخواست داخل ڪرائي

الزام ثابت ٿيڻ باوجود ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود انصاف نه ملي سگهيو

انڪشاف متاثر خاتون پروفيسر طرفان وائس چانسلر کي لکيل هڪ خط ۾ ڪيو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ هراساني جو واقعو ظاهر ٿيو. ماحولياتي سائنس جي شعبي سان تعلق رکندڙ خاتون پروفيسر پنهنجي ساٿي اسسٽنٽ پروفيسر عبدالمجيد پيرزادو خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

ڪراچي ۾ ڇت ڪرڻ سبب زخمي ٿيل ڇوڪري فوت

سرجاني ٽائون ۾ حادثي ۾ زخمي ٿيل 12 سالن جي ڇوڪري علاج دوران فوت ٿي وئي

حادثي ۾ زخمي ٿيل اٺ ٻيا ماڻهو عباسي شهيد اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سرجاني ٽائون علائقي ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ جي واقعي ۾ هڪ ڇوڪري فوت ٿي وئي، پوليس موجب /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ڪراچي ۾ "تعليم بالغان" جي عنوان سان هڪ ٿيٽر ڊرامو پيش

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي رانڊين ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

روزاني
سُڪار
ڪراچي
E-mail: sukaarkhi@yahoo.com

ڪراچي آفيس: 021_32721870، 021_32700092، 021_32700091
فيڪس نمبر: 02132700176
حيدرآباد آفيس: فون نمبر: 022_2671764، 022_2102381
فيڪس نمبر: 022_2671771، 022_2102293

ائڊريس : پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امير ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103، 114 ۽ 115ٿين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.

سومر 19 مئي 2025ع بمطابق 21 ذوالقعد 1446 هجري

سنڌ کي حصي جو پاڻي پورو ڏيو

سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين کوٽ باوجود پنجاب چشما جهلم ۽ تونسا پنجند جي ڪئنال 25 هزار ڪيوسڪ کان به وڌائي ڇڏي آهي، ميڊيا کي مليل دستاويزي ثبوتن موجب سنڌ جي سمورن بئراجن کي هڪ لک 5 هزار ڪيوسڪ انڊينٽ باوجود رڳو 40 هزار 600 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو آهي جڏهن ته پنجاب جي رڳو ٻن غيرقانوني فلڊ ڪئنالن جن ۾ چشما جهلم لنڪ فلڊ ڪئنال کي 17 هزار ڪيوسڪ ۽ تونسا پنجند فلڊ لنڪ ڪئنال کي 8404 ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ سان گڏ ڊيم ڀرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي، پنجاب سنڌو درياهه تان ٿل ڪئنال ۾ 7500 ڪيوسڪ، ڊيراغازي خان ۾ 5500 ڪيوسڪ، مظفرڳڙهه ڪئنال ۾ 5500 ڪيوسڪ ۽ ڪچي ڪئنال ۾ 600 ڪيوسڪ سان گڏ سي آر بي سي جنهن ۾ پنجاب جا 1500 ڪيوسڪ آهن، ان ۾ 4000 هزار ڪيوسڪ ڪنيو آهي، چناب درياهه ۾ اينڊز 28600 ڪيوسڪ سمورو پاڻي پنجاب هڙپ ڪري رهيو آهي، پنجند وٽ 10 هزار ڪيوسڪ هجڻ باوجود سنڌ لاءِ پنجند کي مڪمل بند ڪيو ويو آهي، ٻي طرف جهلم درياهه جي 38560 ڪيوسڪ مان 33 هزار ڪيوسڪ پنجاب ڪئي ڪئنالن کي ڏنو آهي، پنجاب کي سٺو سيڪڙو پاڻي ڪنڌي تي ملڻ باوجو اينڊز ربيع جي فصل جي پوکائي لاءِ ڊيمن ۾ لڳيتو پاڻي جمع ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري هن وقت سمورا ذخيرا 25.8 سيڪڙو ڀرجي ويا آهن ۽ 3 ڍنڍائي 456 ايم اي ايف پاڻي جمع ٿي ويو آهي، ان جي ابتڙ سنڌ جي ٽنهي بئراجن جي ڪئنالن کي فقط 40 هزار 400 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو ويو آهي، گڊو بئراج جي ڪئنالن کي 6500 جي جاءِ تي رڳو 2500 ڪيوسڪ پاڻي ملي سگهيو جنهن ڪري گڊو بئراج وٽ پاڻي کوٽ 62 سيڪڙو آهي، سکر بئراج جي ڪئنالن کي 39500 ڪيوسڪ جي جاءِ تي 32260 ڪيوسڪ پاڻي مليو جنهن ڪري سکر بئراج تي 18 سيڪڙو کوٽ ٿي وئي آهي، اهڙي طرح ڪوٽڙي بئراج جي ڪئنالن کي 15700 ڪيوسڪ جي جاءِ تي رڳو 5945 ڪيوسڪ پاڻي ملي سگهيو آهي، جنهن ڪري ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي کوٽ 62 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، پنجاب، ارسا ۽ واپڊا جي هوڏ سبب سنڌ ۾ مجموعي پاڻي جي کوٽ 34 سيڪڙو آهي، جيڪا مئي مهيني جي ٻي ڏهاڪي ۾ انتهائي خطرناڪ آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي اڳاٽي خريف جي پوکائي نه ٿيڻ ڪانپوءِ وچولو خريف شديد متاثر ٿي رهيو آهي، هوڏانهن تونسا کان گڊو بئراج تائين تائين روزاني 26 کان 30 هزار ايڪڙ فوٽن جي پاڻي جي چوري جاري آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ ارسا سميت سنڌ ۽ پنجاب سرڪار خاموش آهن. ٻي طرف سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين کوٽ باوجود سنڌ سرڪار خصوصي طور تي سنڌ جو آبپاشي وارو وزير، آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري ۽ سنڌ جو وڏو وزير خاموش تماشائي بڻيل آهن.

ڀارت جي جنگي جنون بدران اسان کي معيشت دوست پاليسيون ناهڻ گهرجن

سهيل وڙائچ

برصغير جي فلمن جو مرڪز ٻالي ووڊ هجي يا پاڪستاني فلمون ۽ موسيقي، اڄڪلهه پنجابي موسيقي ٽاپ تي آهي. مشرقي ۽ مغربي پنجاب ٻنهي ۾ پنجابي موسيقيءَ جو رنگ نمايان آهي ان جو وڏو ڪارڻ پنجاب جي موسيقيءَ ۽ ثقافت سان گهري لڳاءُ آهي، پر هاڻ پنجابي موسيقي ۾ معنويت جو عنصر به اهميت اختيار ڪري چڪو آهي. مشرقي ۽ مغربي پنجاب ۾ پنجابي شاعريءَ جو معيار گهڻو بلند ٿي ويو آهي. جديد جذبات جي عڪاسي ۽ پنجاب جي روايتي ثقافت جي رچاءُ سان پنجابي گلوڪاريءَ کي ٽئون وڌو مليو آهي جنهن سان ان جي مقبوليت ۾ واڌارو آيو آهي.

مشرقي پنجاب جي گلوڪار ستندر سرتاج ڪينيڊا ۾ هزارن جي اجتماعن ۾ پنجابي گانا پيش ڪري شر جو سما ٻڌائي ڇڏيو. سرتاج جي خوبي اها آهي ته هو ڳاڙهي پنجابي جي بجاءِ روزمره جي عام پنجابي ۾ پنهنجو ڪلام لکي ٿو. ستندس شاعري ۾ اردو ۽ فارسيءَ جو ميلاپ ان جي شاعريءَ ۾ خاص مٺاس آڻي ٿو. اڄڪلهه سرتاج جو هڪ مشهور شعر هر جاءِ تي گونجي رهيو آهي:

بے گئی اُبھرے خیالاں نال دوستی

دسو جی ہن کے لکھیئے

هن وقت ذهني صورتحال ڪجهه اهڙي آهي، جڻ سرڪش خيالن گهيرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيترائي گستاخ سوال ذهن ۾ اڀري رهيا آهن، پر انهن جو اظهار ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. جنگي صورتحال هر ڪنهن کي جذباتي ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سان سوچڻ جي سگهه متاثر ٿي رهي آهي. ڀارتي ميڊيا جي جنگي جنونين ۽ وڏاءُ ڪندڙ صحافين دليل، منطق ۽ امن دوستي جي اصولن کي مڪمل طور تي لتاڙي ڇڏيو آهي. ماضيءَ ۾ ميڊيا جا ڪجهه فرد جذبات سان گڏ سمجهه به رکندڙ هئا، پر هاڻي ڀارتي ميڊيا پنهنجي مقبوليت جي چرڪائڻ لاءِ صحافتي اصولن کي نظرانداز ڪري، پنهنجي ساک کي نقصان پهچايو آهي.

ان جي ابتڙ اسان جي ميڊيا ڀارت جي مقابلي ۾ وڌيڪ ذميواريءَ سان ڪم ڪيو آهي. خبرن کي چڱيءَ طرح جانچڻ بعد پيش ڪيو ته ڪي ممبئي يا دهليءَ تي قبضي جي دعويٰ ڪئي، جيئن ڪڏهن ڪڏهن جذبات جي وهڪري ۾ وڏاءُ ڪيو ويندو آهي عام طور تي جنون جي جواب ۾ وڌيڪ جنون پيدا ٿيندو آهي، جيڪو هڪ طرفي جذباتي تڪرار کي وڌائيندو آهي. منهنجي اوچا ۽ سرڪش خيال موجب، اهو رستو غلط حڪمت عملي آهي.

منهنجي ناقص راءِ موجب، هندو توا جي شدت پسنديءَ جي مقابلي ۾ اسان کي پنهنجي اقليتن سان گڏجي هڪ ڪثير المذهبي ۽ ڪثير الخيالي پاڪستان جو تاثر پيدا ڪرڻ گهرجي. پاڪستان جي سچائپ ۾ مسلمانن سان گڏ عيسائي، سک، ۽ هندو اقليتن کي به برابر جڳهه ڏيڻي پوندي. منهنجي سامهون قائد اعظم محمد علي جناح جو اهو فرمان آهي: "پاڪستان اقليتن جو مڪمل تحفظ ڪندو. جو ته اهو ملڪ پاڻ هڪ اقليت ٿاهيو آهي" 75 سالن بعد جيڪڏهن ڀارت ۾ مسلمانن ۽ ٻين اقليتن سان امتيازي سلوڪ ٿي رهيو آهي ته اسان کي ان کان بلڪل مختلف رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. ڀارتي وزيراعظم مودي، سندس انتها پسند حامي ۽ جنگ ساز ميڊيا جنهن انداز ۾ وڌايل ڳالهين ۽ نفرت ڀريي تقريرن ۾ مشغول آهن. اسان کي ان جي ابتڙ دليل، منطق ۽ شائستگيءَ وارو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي.

ڀارت، ترڪي ۽ آذربائيجان جو بائيڪاٽ ڪري سگهي ٿو پر اسان کي ان جهڙي بغض سان ڀرپور رويي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

ڀارت جي پراڪسي وار جيڪڏهن ختم نٿي ٿئي ته به اسان کي ان رستي تان هٽي وڃڻ گهرجي ۽ پنهنجي صاف نيت ۽ عمل دنيا آڏو واضح ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڀارت بي ايل اي ۽ طالبان جهڙن گروپن جي پردي پٺيان مدد جاري رکي ٿو ته ان جي ان عمل کي به عالمي سطح تي وائکو ڪرڻ گهرجي.

ڀارت خطي ۾ بالادستي چاهي ٿو پر اسان کي ٻين ملڪن سان برابري جي سطح تي بهتر لاڳاپا رکڻ گهرجن. منهنجي اوچا ۽ سرڪش خيال موجب، ڀارت جي جارحيت ۽ بالادستي پاليسين جو مقابلو ان سان الڳ، پر امن ۽ رواداريءَ وارو رستو اختيار ڪرڻ ۾ آهي، ته ڪي ان جي جهڙي جارحيت واري رستي تي هلڻ ۾.

اوچا خيال اهو به آهي ته فتح جي هن لمحي ۾ اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته سياسي عدم استحڪام اسان جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي. فتح جي سرشاريءَ جو دور ڇهه کان اٺ مهينا رهي سگهي ٿو ان کان پوءِ تلخ سياسي حقيقتون ٻيهر سامهون اچڻ شروع ٿينديون. شهباز حڪومت جي سياسي بنياد تمام ڪمزور آهي ۽ ان کي مضبوط ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نظر نٿي اچي. جنگ جي تازن نتيجن سان عمران خان جي سياسي طاقت ڪجهه گهٽجي آهي، پر هو اڃا به هڪ سياسي حقيقت آهي. هن کي قومي ڌاري ۾ شامل ڪرڻ کان سواءِ پائيدار ترقي ممڪن ناهي. ٻئي طرف، عمران خان کي به پنهنجي اناجي پهاڙي تان هيٺ لهي زميني حقيقتن سان هم آهنگ ٿيڻ جي ضرورت آهي.

طاقتور اسٽيبلشمينٽ سان ٽڪراءُ عمران خان کان اڳ ۾ ئي گهٽي عوامي طاقت ڪسي آهي، هاڻي سندس اينڊز وار ووٽ جي طاقت تي هوندو جيڪڏهن هو موجوده نظام جو حصو بڻجي، جلد، غيرجانبدارانه ۽ شفاف چونڊن تي راضپو ڏيڪاري، ته ملڪ ۾ هڪ عام مصالحت جو ماحول ٺهي سگهي ٿو. ستندر سرتاج پڻ پنهنجي اوچا ۽ سرڪش خيالن جو اظهار ڪندي لکيو آهي:

مٹ گئے نے اڑک اڑک

دسو جی ہن کے لکھیئے

اها حقيقت آهي ته عالمي واپار ۾ اڳتي وڌڻ بنا هڪ مستحڪم قوم بڻجڻ مشڪل آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ هن خطي کي واپار جي جيڪا نئين راهه ڏيکاري آهي، ان تي هلڻ گهرجي. دنيا اسان کي جنگجو قوم طور ڄاڻي ٿي، پر هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ڪين ڪاروباري ۽ معاشي ترقيءَ ۾ اڳتي وڌي ڏيکاريون. اسان کي ڀارت جي جنگي جنون کي ڇڏي، سعودي عرب، متحده عرب امارات ۽ قطر وانگر نون ڪاروباري ۽ معاشي موقعن جي طرف وڌڻ گهرجي. هي ٽئي ملڪ اسان جا ويجها دوست آهن ۽ انهن جي تجارتي قدمن مان سبق وٺڻ گهرجي. پاڪستان آمريڪا کي جيتري قدر "زيرو ٽيرف" جي پيشڪش ڪئي آهي، ان کي اڳتي وڌائڻ گهرجي. هيءَ صدي ايشيا جي آهي ۽ ان جو ايجنڊا صرف ۽ صرف معاشي آهي. اسان کي به سنگاپور ۽ ٿائيوان جيان معيشت دوست پاليسيون ناهڻ گهرجن ته جيئن پاڪستان واقعي جي-10 ۽ جي-20 ۾ شريڪ ڪار بڻجي سگهي.

قيدي ٻار کي لڳل گولي

ميان مير چانڊيو

شڪر ٿيو جو پاڪ ڀارت جنگ ٽري وئي ٻي صورت ۾ جيڪا تباهي ٿئي ها، اها اندازي کان ب وڌيڪ هجي ها، ٻن ائٽمي ملڪن وچ ۾ جنگ جو نتيجو باهه، دانهن، ڪنجهڪارن، لاشن جي ڍيرن، فضا ۾ بدبودار ڪاري دونهن ۽ سڙيل وٽن جي صورت ۾ هجي ها. اسان جي اڳيان مهاجنگين جون تباهيون موجود آهن. ٻي مهاڀاري جنگ جي تباهي اڳين جنگين کان سرس هئي، جا 1939ع ۾ شروع ٿي ۽ 1945ع ۾ ختم ٿي، جنهن جنگ ۾ هڪ اندازي مطابق پنج ڪروڙ ماڻهو موت جو شڪار ٿيا هئا. جرمن سياستدان ۽ نازي پارٽي جو اڳواڻ ايڊولف هٽلر جنهن 1932ع ۾ چونڊون کٽيون ۽ 1933ع ۾ جرمني جو چانسلر بڻيو. هن 1939ع ۾ پولينڊ تي حملي جو حڪم ڏنو جنهن سان عالمي جنگ ڇڙي پيئي. ٻي عالمي جنگ جي آخري ڏينهن ۾ هن زيرزمين ٺهيل بنڪر ۾ هڪ ڏينهن اڳ پرڻيل زال ايوا براؤن سان خودڪشي ڪئي، مرڻ کان اڳ سوويت يونين جي ريڊ آرمي جا سپاهي هن جي ويجهو پهچي چڪا هئا پر ڪيس زنده پڪڙي نه سگهيا. 1945ع ۾ اتحادي ۽ سوويت يونين جي فوجن جرمني کي شڪست ڏني.

قديم دور وارين وڏين جنگين ۾ مارجي ويل انسانن ۽ جانورن جا لاش ڳجهن جو کاڌ ٿيندا هئا. ان دور ۾ جنگيون ٻڇين، ڀالن، تيرن ۽ تلوارن سان وڙهيون وينديون هيون. بندوقون، رائفلون، لانچر، ايٽم بم، ڊرون، جنگي جهاز ۽ ٻيا جديد جنگي هٿيار اڃان تيار نه ٿيا هئا. هاڻي ته ائٽم بم جي ٻٽڻ ڌڻائڻ سان هڪڙو پورو ملڪ باهه ۾ سڙي خاڪ جو ڍير بڻجي سگهي ٿو. تيري فضا ۾ دونهون ئي دونهون رهجي وڃي ٿو. ائٽمي جنگين ۾ ماڻهن سان گڏ پکي، جانور، وڻ ٽڻ سڀ مليا ميٽ ٿي ويندا آهن. زمين جو مٿيون ته ئي سڙي ويندو آهي ان حد تائين جو ڪيڙا ماڪوڙا به ناس ٿي ويندا آهن. دنيا ته جنگين سان ڀري پيئي آهي، جنهن ۾ لکين انسان اجل جو شڪار ٿيا آهن پر الله ته ڪري هن وقت جيڪڏهن ٻن ائٽمي ملڪن وچ ۾ جنگ ڇڙي وڃي ها ته دنيا جي سمورين اڳوڻين جنگين کان وڌ ڪجهه ڪلاڪن ۾ ئي انسان موت جي منهن ۾ هليا وڃن ها. هن تندي ڪنڌ جو حليو ئي بگڙي وڃي ها. انسان جيستائين زنده آهي ته ڏاڍو ڪمائيندو آهي مرڻ کان پوءِ هو دفن جي ڪم ئي رهجي ٿو وڃي. ماڻهپي کان خالي ماڻهو وحشي جانورن جيان هوندا آهن. هو جڏهن پئسي ۽ اقتدار جي لالچ ۾ ايندا آهن ته اهو وساري ويهندا آهن ته ڪين هڪ ڏينهن مرڻو به آهي. هو ماڻهو مارائي ان تي ٺهڪ ڏيندا آهن، خوش ٿيندا آهن. مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته پيٽ انساني روح کان اهم آهي. پيٽ خاطر انسان چوري، ٺڳي، مارڌاڙ، رتوڇاڻ ۽ ڇا ڇا نٿو ڪري! آدرش، اخلاق ۽ انسانيت سڀ پيٽ جي تنور ۾ جلي خاڪ ٿي وڃن ٿا. ڊٺو آهي ته ڊول به آهي ته ته هر اڪنڌ ۽ اڪيرمان ماڻهو کي ڪرپ محسوس ٿيندو آهي. بک ۾ ڊوڊي ۽ بصر جي خوشبوءِ روح جي هر خوشبوءِ کان زياده پياري لڳندي آهي. حڪمران طبقي دنيا جي جنگين ۾ ٿيندڙ نقصانن کان الائي ڇو ته پرايو آهي. شايد ان ڪري جو هو مرڻ کان پوءِ هن جهان ۾ موٽي تا اچن، جو دنيا کي ٻڌائي سگهن ته بي گناهه انسانن جو قتل ڪيڏو نه سنگين جرم آهي، جنهن جي سزا سخت آهي ۽ ماڻهو جو اڳيون جهان خراب ٿي وڃي ٿو دنيا ۾ نهندڙ هر ٿين شئي ڪئي نه ڪئي استعمال ٿيڻي آهي، پوءِ اهو بارڙن جو رانديڪو هجي يا جنگي هٿيار. روسي ليکڪ چيخوف چيو هو ته جيڪڏهن پٽ تي ٽنگيل ڪو پستول توهان کي نظر اچي ته سمجهو اهو ڪڏهن نه ڪڏهن استعمال ٿيڻو آهي. آمريڪا ۾ ٺاهيل ائٽم بم جي واقعي کان پوءِ صدر بش پنهنجا پراڻا هٿيار عراق ۽ افغانستان جهڙن ملڪن تي استعمال ڪري انهن ملڪن جو سماجي ۽ سياسي ڍانچو تباهه ڪيو هو. سوچيان ٿو ته هڪ طاقتور حاڪم سٺو جاگيردارن کان ڏاڍو هوندو آهي ۽ هڪ جاگيردار سٺو اديبن کان ڏاڍو هوندو آهي. هو ڪتابن تي پابندي به لڳرائي سگهي ٿو ته انهن جون ڪاپيون به ساڙائي سگهي ٿو. دنيا جي تاريخ ۾ طاقتور ماڻهن ڪيئي ڪتابن تي نه رڳو پابندي لڳرائي پر انهن ڪتابن جون ڪاپيون به ساڙائي ڇڏيون هيون، جيئن ارغونن ۽ ترخانن ٺٽي جي ڪتبخانن سان حشر ڪيو هو. جنرل ضيا سندس دور ۾ جي ايم سيد ۽ شيخ اياز جي ڪجهه ڪتابن سميت پاڪستان ۾ ڪيترن ئي ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن تي پابندي لڳائي هئي. مون کي تاريخ مان هڪ واقعو ياد ٿو اچي. نازي جرمني جي قيدخانن ۾ يهودي قيدين کي سارجنٽ قطارن ۾ بيهاري ٻڌي گوليون هڻندا هئا، جڏهن هو مري ويندا هئا، سندن لاشن کي کورن ۾ ساڙيو ويندو هو. هڪ دفعي نازي سرجنٽ قيدين جو قطارون ٺاهي ڪين گوليون هڻڻ لاءِ وٺي وڃي رهيا هئا ته ٽن سالن جي هڪ ننڍڙي قيدي ٻارڙي ست ڏيئي سپاهي کان هٿ ڇڏائي هوا تي ڊوڙندڙ سائي پن کي هٿ ۾ جهلي ورتو. هن جيئن ئي پن هٿ ۾ جهليو ته پويان سپاهي جي گولي ان جي پٺي تي اچي لڳي ۽ هو اتي ئي ڌرتي تي ڪري پيو ۽ ساهه ڏيڻ وقت چٽيل پن ٻار جي هٿ ۾ هو.

موت ٿو حسن تي پائي جيت،

چانڊني رات ۾ سمهي پون ٿا گيت،

ڪنهن نه ڇاتو تون مري ويندين،

چنڊ سان گڏ سير تري ويندين.

ظالم ماڻهو جڏهن مري وڃي ٿو ته ڪجهه ڏينهن اندر ئي سندس قبر ويران ٿي وڃي ٿي ۽ سندس قبر تي ڪو گل وجهڻ وارو ئي نٿو رهي، سوا انهن بزرگن جي قبرن جي جن ساري رات سبحان جي ورد سان وجود اجرو رکيو هو. جتي ماڻهو ٻاسون ٻاسڻ، پيري مريدي جي سلسلي ۾ يا وري من جون مرادون پوريون ڪرڻ خاطر گلن جا هار يا وري زري جا پڙ پائڻ اچن ٿا. مون کي ياد آيو هڪ دفعي شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي درگاهه ۾ ڊاڪٽر ابراهيم سنڌي، فيض کوسي سان گڏ شاهه ڪريم تي ٺهندڙ ڊاڪيومينٽري جي سلسلي ۾ موجود هوس. شاهه عبدالڪريم جي زندگي ۽ شاعري تي ڳالهايم پئي، ڳالهائي بس ڪيم ته هڪ نوجوان ڇوڪري اچي اڳيان بيٺي. چوڻ لڳي سائين آئون پري کان پنهنجي بيمار ماءُ جي شفا لاءِ درگاهه تي ڪجهه ڏينهن لاءِ رهڻ آئي آهيان. ٻن ڏينهن کان درگاهه جي در تي سڳا وٽيندڙ پوڙهو شيدي مون کي تڪڙ لڳو آهي. درگاهه ۾ منهنجي پٺيان پٺيان هلندو ٿو رهي. اهو مجاور مون ڏٺو هو جيڪو ان وقت به ستر سالن کان مٿي عمر جو لڳي رهيو هو. ان وقت مون کي دهلي جي غلام گهراڻي جي ملڪ رضيا سلطانا جي عشق جو داستان ياد آيو. شهزادي رضيا سلطانا جنهن جو سندس غلام ياقوت حبشي سان عشق هو. هوءَ جڏهن تخت تي ويٺي ته هڪ ڏينهن وزيراعظم نظام الملڪ کيس چيو محترما! توهان پنهنجي والد بزرگوار التمش جي وقت ۾ اهڙي بي حجابي سان رعيت جي سامهون نه ايندي هيون. توهان جي رخ مبارڪ تي هڪ ستهو چاريدار نقاب رهندو هو.

پرنٽ ميڊيا جمهوريت جي بقا ۽ ادارن جي شفافيت جو ذريعو

اعجاز مماڻي

پرنٽ ميڊيا تاريخ جو آئينو ۽ قومن جو شعور آهي ڪو به ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري ته پرنٽ ميڊيا ڪنهن به قوم جو ثقافتي، دانشورانه ۽ تاريخي ورثو آهي. ان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ عنصر اصل ۾ عوام کي پنهنجي ڪمن ڪارڪردگين ۽ پرڪارن کان بي خبر رکڻ چاهين ٿا ته جيئن سندن ڪوتاهيون لڪي سگهن ائين پنهنجي عوام کي دوکو ڏئي سگهجي اها هڪ وڏي سازش آهي جنهن جو مقابلو ڪرڻ هر زي شعور ماڻهوءَ جي قومي زمي اچي ٿو ته جيئن هو ان سلسلي ۾ عملي ڪردار ادا ڪري ۽ انهن عنصرن جي ڪوشش کي ناڪام بڻائي جيڪي عوام جي آواز کي خاموش ڪرائڻ چاهين ٿا. گهيريل آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پرنٽ ميڊيا کي معاشي چئلينجن سميت تمام گهڻا چئلينج درپيش آهن. پرنٽ ميڊيا کي سڀ کان وڏو درپيش چئلينج پنهنجي جيا پي ۽ بقا جو چئلينج آهي، پنهنجي وجود برقرار رکڻ جو چئلينج آهي. ياد رکڻ جي ڳالهه اها آهي ته تبديلي کي تبديل نٿو ڪري سگهجي جو اها تبديلي وقت جي ضرورت آهي. پر دنيا کي تبديليءَ سان گڏ تبديل ٿيڻو پوندو آهي. جيڪي شيون تبديليءَ موجب تبديل ناهن ٿينديون، اهي فنا ٿي وينديون آهن. تبديلي آهر پاڻ کي تبديل ڪرڻ ئي بقا جو رستو آهي اهو ئي اصول نئين ٽيڪنالاجين جي حوالي سان پڻ صادق اچي ٿو. هن وقت سڄي دنيا ۾ اخبارون جيا پي جي جنگ وڙهي رهيون آهن دنيا جي ملڪن ۾ اخبارن جي بقا لاءِ پرنٽ ميڊيا کي ڊجيٽل ميڊيا ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. اخبارون epapersجي صورت ۾ اچي رهيون آهن. ان تبديلي کي قبولڻ ۾ ئي بقا آهي. ٽي وي، ويب سائيٽس جي ذريعي مواد پڙهندڙن تائين تيزيءَ سان پهچي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ پرنٽ ميڊيا جو ڪارج ختم ٿي وڃي ٿو. اها ڳالهه ڪنهن حد تائين درست آهي پر صفا ايئن ڪوبه ڪونهي. پرنٽ ميڊيا اڄ به دنيا ۾ ڏاڪو ڄمائي ويٺي آهي. اها جدا ڳالهه آهي ته مصروفيت سبب پڙهندڙن جي تعداد ۾ گهٽتائي ٿي رهي آهي. دنيا جي ملڪن ۾ پرنٽ ميڊيا کي جياپي لاءِ پنهنجي مزاج ۾ تبديلي آڻڻي پوندي، جو ته اها ئي انفراديت ان کي زنده رکندي ۽ اها آهي تحقيقاتي صحافت ڏانهن وک وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندي. پرنٽ ميڊيا جا پڙهندڙ تعداد ۾ گهٽ ضرور ٿيا آهن پر اهي ختم ناهن ٿيا. يقينن اهي ئي پرنٽ ميڊيا جا ادارا ختم ٿي ويندا، جيڪي ٽيڪنالاجيءَ جي تبديلي کي نه قبوليندا. پرنٽ ميڊيا کي پنهنجي جياپي لاءِ وقت سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي سان هم آهنگ ٿيڻ جي ضرورت آهي لچڪ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. دنيا جي وڏين وڏين اخبارن به پاڻ ۾ تبديلي پيدا ڪئي، جديد ٽيڪنالاجيءَ سان پاڻ کي هم آهنگ ڪيو، پاڻ کي ڊجيٽل قالب ۾ آندو ۽ سموهيو، صرف انهن ئي ملڪن ۾ اخبارن جي صورت برقرار رهي. ٽيڪنالاجي جو جديد دور اچي چڪو آهي پر ماڻهن جو وڏو تعداد اڃان تائين ان کي اهڙي ئي صورت ۾ قبول نه پيو ڪري. جيستائين پرنٽ ميڊيا مڪمل طور تي ڊجيٽل ميڊيا ۾ سمائجي وڃي، تيستائين واري عبوري عرصي ۾ پرنٽ ميڊيا جي وڏي اهميت رهندي هن وقت سڄي دنيا ۾ ميڊيا جي ترقي سان، اهو واضح ٿي ويو آهي ته پرنٽ ميڊيا نه رڳو ڪنهن به قوم جي دانشورانه منظرنامي کي شڪل ڏيڻ ۽ شعور اجاگر ڪرڻ جو هڪ مؤثر ذريعو رهيو آهي، پر ان جي اعتبار ۽ تحقيقي نوعيت ان کي اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا جي مقابلي ۾ هڪ منفرد ۽ ممتاز مقام ڏنو آهي. اڄ به، دنيا جي مهذب ۽ ترقي يافته ملڪن ۾، پرنٽ ميڊيا کي پاليسي سازي، جمهوريت جي بقا ۽ ادارن جي شفافيت جو اهم ذريعو سمجهيو ويندو آهي. جڏهن ته ٽين دنيا جي رياستن ۾ جيڪي نوآبادياتي ورثي سان گڏ آهن، اتي هميشه آزاد سوچ ۽ تنقيدي صحافت کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ماضي ۽ حال ۾ مختلف حڪومتن پاران اخبارن جي بندش، اشتهارن تي پابنديون ۽ صحافين تي دٻاءُ ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته پرنٽ ميڊيا جي حڪمران طبقو هميشه طاقت کان ڊڄندو رهيو آهي خاص طور تي نيم خودمختيار علائقن ۾ اهم اشو عام آهي جتي علائقائي پرنٽ ميڊيا مسلسل حملي هيٺ آهي، مقامي مسئلن کي دٻائڻ ۽ رياستي بيانيي کان سواءِ ڪنهن به آواز کي پڪڙجڻ کان روڪڻ لاءِ. ڪم ٿي رهيو آهي. پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ حساس ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ پرنٽ ميڊيا خلاف ڪنيل قدمن جي شدت ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي سخت ۽ منظم نظر اچي ٿي ۽ هي هڪ سوچيل سمجهيل منصوبو لڳي ٿو جنهن جو مقصد نه رڳو علائقي جي عوامي آواز کي دٻائڻ آهي پر اتي جي تعليم يافته طبقي کي بيروزگار ڪري بدامنيءَ ڪي هٿي ڏيڻ آهي. اهو واضح آهي ته ملڪ جا هزارين خاندان آهن جيڪي سڌي يا اڻسڌي طرح پرنٽ ميڊيا سان لاڳاپيل آهن، جن جي گذر سفر جو واحد ذريعو اهو شعبو آهي. انهن کي روزگار کان محروم ڪرڻ جا منفي اثر يقيني طور تي سماجي بيچيني، محرومي جي احساس ۽ سياسي انتشار جي صورت ۾ ظاهر ٿي سگهن ٿا. قوم پرست پارٽيون، موجوده حڪومت ۾ اسيمبلي ميمبر خاص طور تي اهي ميمبر جيڪي عوام پاران چونڊيا ويا آهن ۽ ايوان ۾ موڪليا ويا آهن، انهن کي هن ذميواري کان نه پڇڻ گهرجي. اهو انهن جو فرض آهي ته پرنٽ ميڊيا جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ آواز اٿارين. نه رڳو ايوان اندر پر ان کان ٻاهر به انهن جو آواز گونجندو رهي. جيڪڏهن اهي اهو فرض پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا ته سياڻي تاريخ ۽ عوام ضرور انهن کان پڇندا ته جڏهن ميڊيا جو گلو گهوٽيو پيو وڃي ته اهي خاموش ڇو رهيا. دنيا جون ڪيترين ئي وڏيون اخبارون، جهڙوڪ واشنگٽن پوسٽ، دان نيوز وغيره جيتوڻيڪ سياسي طور تي نظرياتي آهن، پر هميشه رياستي مفادن ۽ قومي بقا جي حفاظت ۾ سنجيده، مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪيو آهي. جڏهن ته ميڊيا جي پابندي يا محدوديت هن دنيا جي ڪمزور قومن کي وڏو نقصان پهچايو آهي، ساڳئي طرح، هندستان ۾ مزمندر اخبار جنهن پاڪستان ۽ هندستان جي آزادي جي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ روس ۾ پراودا اخبار جنهن 1910 کان 1914 تائين هڪ دانشورانه ۽ عوامي شعور جي تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ تاريخي انقلاب آيو اهي سڀئي مثال ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته پرنٽ ميڊيا قومن جي تقدير بدلائڻ جي طاقت رکي ٿي. آخر ۾، اهو زور ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان ته جيڪڏهن پاڪستان جي ڪنهن به حصي ۾ پرنٽ ميڊيا کي دٻائڻ يا ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ته اها نه رڳو جمهوري روايتن جي خلاف آهي پر اظهار جي آئيني حق جي به خلاف آهي. ان جي خلاف فوري ۽ منظم مزاحمت وقت جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي پرنٽ ميڊيا کي بچائڻ اصل ۾ پاڪستان کي بچائڻ آهي ڇاڪاڻ ته پاڪستان جو مستقبل ان جي يونٽن سان آهي جيڪڏهن اهڙيون سرگرميون يونٽن ۾ ٿين ٿيون ته رياست جو مستقبل خطري ۾ پئجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته هن وقت ذهني آزادي ۽ باشعور قوم جي کوٽ آهي.

بقايا 01

خطي، خاص طور تي پاڪستان ۾ دهشتگردي جو اصل سرپرست آهي. پلي اهي خارجي هجن يا بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگرد گروهه، هن چيو ته ڀارت حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙا بيان جي پٺيان لڪي رهيو آهي. پهلگام واقعي جي ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان تي الزام لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا. ڀارتي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ٻن ڏينهن ڪانپوءِ پاڻ تسليم ڪيو ته جاچ اڃا جاري آهي. جاچ ۽ شاهدن کان سواءِ الزام لڳائڻ ڪهڙي سمجهداري آهي؟ سندس موجب پاڪستان چيو ته جيڪڏهن ثبوت آهن ته اهي ڪنهن اڻ ڌرئي اداري حوالي ڪيو، اسان سهڪار لاءِ تيار آهيون پر ڀارت ان منطقي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو. ڀارت هڪ طرفو قدم کنيندي اسان جي مسجدن تي ميزائل فائر ڪيا. ڀارت اسان جي ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي شهيد ڪيو ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪ فوج جي ملڪ جي خودمختياري ۽ سرحدن جي حفاظت جي مقدس ذميواري آهي. جيڪا اسان پوري ڪئي ۽ هر قيمت تي ڪندا رهنداسين. پاڪستان ڀارت کي ترت، سخت ۽ اثرائتو جواب ڏنو ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته دشمن اسان کي ڊيجارڻ لاءِ حملا ڪيا پر ڀارت وساري ويٺو هو ته پاڪستاني قوم ۽ فوج نه ڪڏهن جهڪي آهي نه ئي جهڪائي سگهي ٿي. هن چيو ته 10 مئي جي صبح اسان ڀارت کي ڏنو اسان ذميواري ۽ احتياط سان رڳو انهن جي فوجي هدفن کي نشانو بڻايو ڪنهن به شهري ملڪيت کي نقصان نه پهچايو اهو هڪ مناسب، متصفاڻو ۽ متوازن جواب هو. پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته ڀارت جي بجاءِ واري وزارت جي ترجمان پاڻ اچي جنگبندي جي اپيل ڪئي اسان امن ۽ استحڪام جا خواهشمند آهيون. هن چيو ته چونڊ اسان پرتشدد نه پر سنجيده قوم آهيون. اسان جي ٻهرين ترجيح امن آهي ۽ آمريڪا جهڙيون وڏيون ۽ سمجهدار طاقتون چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿيون ته پاڪستاني قوم جو جذبو ڇا آهي.

بقايا 02

گلوڪارا ٽيلر سوئفٽ تي هڪ ڀيرو ٻيهر ٺٺول ڪئي آهي. پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ٽرٿ سوشل" تي ڪيل هڪ تازي بيان ۾ ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته جڏهن کان هن تيلر سوئفٽ لاءِ ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو آهي، تڏهن کان ان جي مقبوليت گهٽجي وئي آهي. پنهنجي پيغام ۾ ٽرمپ لکيو ته ڇا ڪنهن نوٽ ڪيو آهي ته جڏهن کان مان چيو هو ته مون کي ٽيلر سوئفٽ کان نفرت آهي، تڏهن کان هوءَ "هاٽ" ناهي رهي؟ واضح رهي ته 2024 جي صدارتي چونڊن جي مهم دوران ٽيلر سوئفٽ ڊيموڪريٽڪ اميدوار ۽ ان وقت جي نائب صدر ڪميلا هيرس جي حمايت جو اعلان ڪيو هو جنهن تي ٽرمپ سخت ڪاوڙيو هو ۽ چيو هو ته مون کي ٽيلر سوئفٽ کان نفرت آهي.

بقايا 03

ٽيڪنيڪي خرابي سبب ناڪام ٿي وئي ۽ مدار ۾ نه پهچي سگهي. پرڏيهي ميڊيا موجب انڊين خلائي تحقيقاتي اداري (اسرو) جي نئين سيٽلائيٽ EOS_09 جي زمين کان مدار ۾ موڪلڻ جو مشن ان وقت ناڪام ٿي ويو، جڏهن لانچنگ جي ٽئين مرحلي ۾ ٽيڪنيڪي خرابي پيش آئي. اسرو جي سربراهه وي نارائڻ ٻڌايو ته ٽئين مرحلي دوران راڪيٽ جي موٽر ڪيس ۾ چيمبر پريشر گهٽ ٿي ويو جنهن سبب مشن مڪمل نه ٿي سگهيو.

بقايا 04

۽ 2025_26 جي بجيٽ جي اعلان سان گڏ حڪومت آءِ ايم ايف کان پگهار دار طبقي، تمباڪو ۽ مشروبات جي شعبي لاءِ ٽيڪس ۾ سڌارن جي درخواست ڪئي آهي. آءِ ايم ايف پگهار دار طبقي لاءِ ٽيڪس جي شرحن ۾ گهٽتائي تي اعتراض وارو آهي. جيڪڏهن 0.2 ملين کان 0.4 ملين روپين ساليانه آمدني رکندڙ وچولي طبقي لاءِ ٽيڪس جي شرح گهٽ ڪئي وڃي ٿي ته ان صورت ۾ اضافي ونڊ ڏيڻ آمدني بابت پڇا ڳاڇا ٿيندي آهي. تمباڪو جي شعبي ۾ (سگريٽ جي پيڪيٽ جي) گهٽ ۾ گهٽ قانوني قيمت (MLP)، جيڪا هن وقت 162.25 روپيا في پيڪيٽ آهي ان ۾ اضافي جو امڪان آهي، ڇاڪاڻ ته هن وقت 80 سيڪڙو کان وڌيڪ برانڊز هيءَ قيمت يا ان کان ٿورو وڌيڪ تي وڪرو ٿي رهيا آهن. پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ ٽيڪنيڪل ڳالهيون گذريل هفتي مڪمل ٿي ويون. ايف بي آر ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي بجيٽ جي پاليسي سطح جون ڳالهيون سڀاڻي کان شروع ٿينديون. پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي وچ ۾ پاليسي ڳالهيون 23 مئي تائين

جاري رهنديون. آءِ ايم ايف اينڊز مالي سال ۾ پاڪستان جي ڪل آمدني کي 2 ٽريلين روپيا تائين پهچائڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي ذريعن موجب، هن سال پاڪستان جي موجوده آمدني لڳ ڀڳ 17.8 ٽريلين روپيا آهي. آءِ ايم ايف غير ترقياتي خرچن کي گهٽائڻ لاءِ سخت ڪنٽرول چاهي ٿو پاڪستان کي اينڊز مالي سال ۾ تقريبن 19 ارب ڊالر جو قرض واپس ڪرڻو آهي. آءِ ايم ايف انهن قرضن جي پائيدار ادائيگي تي زور ڏئي رهيو آهي. ذريعن موجب، پاڪستان تعميراتي صنعتن لاءِ خام مال تي ود هولڊنگ ٽيڪس ختم ڪرڻ چاهي ٿو پاڪستان بجيٽ ۾ ملڪيت جي ٽرانزيڪشن تي ود هولڊنگ ٽيڪس کي به ختم ڪرڻ چاهي ٿو. اينڊز مالي سال لاءِ ملڪيت جي خريداري ۽ وڪري تي فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي ختم ڪرڻ تي ڳالهيون ٿينديون. پاڪستان آءِ ايم ايف وٽ سپر ٽيڪس ختم ڪرڻ جي تجويز ڪئي رهيو آهي. ايف بي آر ذريعن موجب، آءِ ايم ايف کي ٽيڪس کان جي ڊي پي جي تناسب کي 11 سيڪڙو تائين وڌائڻ جي يقين ڏياريو ويندو. پاڪستان پگهاردار طبقي جي رليف لاءِ آءِ ايم ايف کي مختلف تجويزون پڻ پيش ڪندو.

بقايا 05

ميڊيا جي رپورٽن موجب غزه جي سيف زون ۾ المواسي ڪئمپ تي اسرائيلي حملي ۾ 36 فلسطيني شهيد ٿي ويا. رپورٽن ۾ اشارو ڏنو ويو آهي ته غزه تي تازين اسرائيلي حملن ۾ ٻه صحافي پڻ شهيد ٿيا آهن. 7 آڪٽوبر 2023 کان وٺي غزه ۾ اسرائيلي جارحيت ۾ 230 کان وڌيڪ صحافي شهيد ٿي چڪا آهن.

بقايا 06

۽ ساموندي ڪناري جي ترقي واري سيڪريٽري آغا شاهنواز خان جي هدايت تي سڄي سنڌ ۾ ماحولياتي قانونن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ لاءِ ڪارروايون تيز ڪيون ويون آهن. صوبي جي مختلف فيڪٽرين، گودامن، اسپتالن، انرجي پلانٽس ۽ اسٽون ڪرشنگ يونٽس جي نگراني ڪانپوءِ ڪيترن ئي ادارن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن. سيپا ريجنل آفيس شهيد بينظير آباد ۽ ضلعي آفيس سانگهڙ جي ٽيم تعلقي کپري ۾ ڪپهه جي فيڪٽرين، پولٽري شيڊز ۽ ٻاڄ جي گودامن ۾ ماحولياتي قانونن جي پڇڪڙي ڏٺا آهن ٻئي طرف تعلقي ٽنڊو آدم ۾ يونائيٽيڊ انرجي پاڪستان ۽ پيٽروويسٽ پاران ماحولياتي مينيجمينٽ پلان فوري طور جمع ڪرائڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه ريجنل آفيس حيدرآباد ۽ ضلعي آفيس ٺٽي جي ٽيم ڏابيجي ۽ ٺٽي ۾ آئس فيڪٽريز کي پاڻي جي معيار ۽ ايس اي ڪيوز ۾ سخت پڇڪڙي تي سخت وارننگ جاري ڪيون آهن. ٽنڊو الهيار ۾ ضلعي اسپتال جو دورو ڪري اسپتال ويسٽ مينيجمينٽ رولز جي پڇڪڙي تي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ کي نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. حيدرآباد ريجن جي ٽيم ٽنڊو محمد خان ٻائي پاس تي بغير ماحولياتي قدمن جي هلندڙ اسٽون ڪرشنگ يونٽس ۽ قير سازي جي پلانٽس تي ڇاپا هنيا ۽ ماحولياتي گندلاڻ تي نوٽيس جاري ڪيا آهن. ماحوليات کاتي واري سيڪريٽري آغا شاهنواز خان سمورن ادارن کي حڪم جاري ڪيا آهن ته سيپا ايڪٽ 2014 تي عملدرآمد کي فوري طور يقيني بڻايو وڃي ۽ نه ته سخت ڪارروائي ٿيندي. سنڌ جو ماحول قدرتي تنوع ۽ فطري نظام اسان جي گڏيل ذميواري آهي. ماحولياتي گندلاڻ جي خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل پيرا آهيون. ادارا پنهنجي ذميواري نڀائين ۽ ماحولياتي معيارن تي فوري طور عمل ڪن نه ته قانون پنهنجو رستو پاڻ بڻائيندو. سڄي سنڌ ۾ فطري ماحول جو تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ قانون ٽوڙيندڙ ادارن کي هر صورت ۾ ڏاڍي ۾ آندو ويندو. ڊي جي سيپا وقار حسين ڦلپوٽو چيو ته سنڌ ۾ ماحولياتي قانونن تي سختي سان عملدرآمد ڪرايو ويندو ۽ ڪنهن به قسم جي پڇڪڙي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 07

آپريشن بنيان مرصوص ۾ ڪردار ادا ڪندڙ پاڪ بحريا جي جوانن ۽ آفيسرن سان ملاقات ڪندو. پاڪ بحريا جو سربراهه ايڊمرل نويد اشرف وزيراعظم جي آجيان ڪندو آپريشن بنيان مرصوص دوران ڀارتي بحريا جي جارحاڻي عزمن کي ناڪام بڻائڻ تي وزيراعظم پاڪ بحريا کي خراج تحسين پيش ڪندو وزيراعظم ان موقعي تي بحريا جي آفيسرن ۽ جوانن کي خطاب پڻ ڪندو جڏهن ته هو گورنر ۽ وڏي وزير سان پڻ ملندو.

بقايا 08

سان گڏ بيٺا آهن پنهنجي بيان ۾ خواجا آصف چيو ته اهو سان نه پيو چوان، اهو پراوين ساهني

ڇپي رهيو آهي، جيڪو ڀارتي ميڊيا جو آواز آهي. سندس چوڻ هو ته سينيئر ڀارتي صحافي ۽ دفاعي تجزيي نگار چيو ته پاڪستان خلاف آپريشن سندور تي سڄي دنيا ۾ رڳو اسرائيل ۽ افغانستان ڀارت جي حمايت ڪئي.

بقايا 09

پنهنجي اسٽوري ۾ لکيو ته ڀارتيا جنتا پارٽي پنهنجي هندوتوا نظريي تحت ڀارت کي تباهه ڪري رهي آهي. هن لکيو ته ڀارتي حڪومت پنهنجي نازي ايجنڊا تي هلندي پاڪستان خلاف الزام هڻي پنهنجي شهرين جو حقيقي مسئلن تان ڌيان هٽائي ٻئي پاسي موڙڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

بقايا 10

جنگ جا سمورا هدف حاصل ڪرڻ آهي. اسرائيلي فوج ٽيلي گرام تي عربي ٻولي ۾ هڪ بيان ۾ چيو ته هي حملا غزا جي پٽي ۾ جنگ وڌائڻ جو حصو آهن جن جو مقصد مغوين جي آزادي ۽ حماس جي شڪست سميت جنگ جا سمورا هدف حاصل ڪرڻ آهي ان کان اڳ غزا جي سول ڊفينس ايجنسي چيو هو ته جمعي تي غزا تي اسرائيلي حملن ۾ 100 کان شهيد ٿي ويا آهن. واضح رهي ته قطر، مصر ۽ آمريڪا جي ٿيڪاري سان ڪيل جنگبندي ۾ مهينا اڳ ختم ٿي وئي هئي ۽ اسرائيل 18 مارچ تي غزا تي ٻيهر فوجي حملا شروع ڪري ڇڏيا هئا.

بقايا 11

سي ايم ايڇ) ڪنٽونمينٽ صدر حيدرآباد ۾ تازي پاڪ ڀارت جنگ ۾ زخمي ٿيندڙ پاڪ فوج جي جوانن جي عيادت ڪئي. جتي هن ميڊيا يا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته هن وقت آئون ايم ڪيو ايم پاڪستان جي نمائندن ۽ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ سان گڏ سي ايم ايڇ جو دورو ڪيو آهي ۽ ايئرپورٽس تي ٿيندڙ زخمي سپاهين جي عيادت ڪئي آهي. اڄ هتي هڪ شئي ڏسڻ جي قابل آهي ته ايئرفورس جي جوان جنهن جون ٻه سرجريز ٿيون آهن جي ڇهري تي نور ڏٺو آسانيءَ اهڙين مائرن پيدا ڪيا آهن. ڪيڏانهن به لکيل آهي ليڊر شپ جو جذبو ڏسو فخر محسوس ٿيندو آهي شهادت جو جذبو ڏسي خوشي ٿي ته سي ايم ايڇ ۾ 5 زخمي جوان داخل هئا "معرڪاحق بنيان مرصوص" آپريشن جي تحت الحمدالله سپه سالار جنرل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ ڀارت جي جارحيت جو پنهنجي جذبي سان ڀرپور دفاع ڪيو. سنڌ جي گورنر چيو ته هي جوان ڏينهن جي روشني ۾ فخر سان قوم جو ڪنڌ فخر سان بلند ڪيو آهي انهن تي آسانيءَ ناز آهي. جهڙي طرح اسان ۽ اسانجي سپه سالار پاران پارٽ ڪي جمات وهائي ڪڍي آهي آئنده ڀارت اهڙي ڪڏهن به همت نه ڪندو. اسانجي فوجي جوانن کي اهو ڏک ناهي ته اهي زخمي آهن ڪين ڏک ان ڳالهه جو آهي ته اهي شهيد ڇو نه ٿيا. اسين ميجر جنرل ليفٽيننٽ ۽ ڪرنل ۽ سنڌن فيملي کي سلام پيش ڪيون ٿا جن پنهنجي گهروارن سان آخري ملاقات ڪري جنگ لاءِ وڃن جي پيو ڇاڪاڻ جو سندن ۾ شهادت جو جذبو هو هن وڌيڪ چيو ته جيڪي ماڻهو گذريل ٻن سالن کان تنقيد ڪري رهيا هئا انهن کي جواب تو اڄ پاڪ فوج پنهنجي حصي کان وڌيڪ ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ تربيت يافته جوانن قوم جو ڪنڌ فخر سان بلند ڪيو اڄ ان خطي ۾ پاڪستانين جو ڪنڌ فخر سان بلند ٿي ويو آهي سنڌ جي گورنر چيو ته اسين ڀارت جي عزت ڪيون ٿا پر شهرين ۽ فوجن جي عزت ڪيون ٿا پر انتهاپسندن مودي جو جيڪو گجرات ۾ قصاب آهي جنهن مسلمانن تي ظلم ڪيو آهي ان کي منهن ٽوڙ جواب مليو مودي جو نظريو اسرائيل وارو آهي. رات جي اونداهي ۾ اسانجي معصوم حملو ڪيو ويو اسان پنهنجي قوم ۽ جوانن جي وڌيڪ حوصلا افزائي ڪرڻي آهي. سندن جذبا وڌائڻا آهن. مودي اهو حملو هڪ سوچي سمجهي سازش جي تحت ڪيو ان جا ڳنڍ جوڙ بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي سان ملن ٿا. گورنر سنڌ چيو ته اينڊز وقت ۾ نريندر مودي جو آهي. اسانجي سويلين پوليس ۽ فورسز دهشتگردي جي جنگ دوران هن مهل تائين 80 هزار شهادتون ڏنيون آهن ايترين شهادتن جي باوجود اسانجي مٿان حملو ڪيو ويو جيڪي شهيد ان جنگ ۾ ٿيا جنهن ۾ معصوم ماڻهو جو وقت اچڻ تي دنيا ڏٺو ته اسان پنهنجا حوصلا ناهاريا جنهن وقت حملو ڪيو ويو انهيءَ وقت مون پنهنجي فيملي سان گڏ واڳا بارڊر تي وڃي پنهنجي جوانن جا وڃي حوصلا بلند ڪيا. اسانجي جوانن کي اها خبر ناهي ته اهي واپس گهر به ويندا يا نه ويندا. هي اها قوم ۽ پاڪ فوج آهي جنهن ۾ ماڻهن ۽ پيرن پنهنجن جوانن کي خوش خوشي جنگ لاءِ موڪلي رهيون هيون هتي اسان بطور هڪ قوم تي ڀارت کي جواب ڏنو آهي. اتون ڇاڻ.

ترڪي، سعودي عرب، آذربائيجان ۽ امريڪا جو پڻ شڪريو ادا ڪيان ٿو امريڪا جنگ روڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. امريڪي صدر جو بيحد ٿورائتا آهيون. سنڌ جي گورنر چيو ته پاڪ فوج ثابت ڪري ڇڏيو ته پاڪستان جو دفاع مضبوط هٿن ۾ آهي. هاڻي قوم جي مثال آهي ته اها پاڪ فوج سان ڀرپور ساٿ ڏئي اتحاد قائم ڪري. اسانجا اڳي آءِ ايم جي شرطن ۾ ڦاٿل آهيون. انهيءَ ڪري ملڪ جا قرض به لاهڻا آهن. سپه سالار ۽ قوم جهڙي طرح ڀارتي جارحيت کي ڀرپور جواب ڏنو اهي پارٽي ڀارت کي به اها خبر پئجي وئي هوندي. اسانجو ملڪ قائم ۽ دائم رهندو. سنڌ جي گورنر چيو ته اسان حيدرآباد ۾ آءِ ٽي جي شعبي ۾ 52 هزار نوجوانن کان آئي ٽي جي ٽيسٽ ورتا هئا. حيدرآباد جا نوجوان اسيدوار پروسو رکن جهڙي ريت ڪراچي جا نوجوان اهڙن ڪورسن سان ڪمائي رهيا آهن ساڳئي طرح حيدرآباد جا نوجوان پڻ تمام جلد فائدو حاصل ڪندا. حيدرآباد جي نوجوانن سان ڪيل واعدو ڪجهه مهينن ۾ ضرور پورو ڪيو ويندو.

بقايا 12

پرڏيهي وزارت ۽ اسحاق ڊار وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون. افغانستان جو صوبائي پرڏيهي وزير امير خان متقي 20 مئي چين پهچندو. پاڪستان، چين ۽ افغانستان جا پرڏيهي وزير بيجنگ ۾ ملاقات ڪندا. ٽئي ملڪ گڏيل واپار کي هٿي ڏيڻ سيڪيورٽي سهڪار ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ڪندا. ملاقات ۾ پاڪ - ڀارت ڇڪتاڻ تي به ڪندي ۽ خطي جي صورتحال تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي.

بقايا 13

مددگار رانا ثناءالله ٽوانئي وارو وزير اويس لغاري ۽ پيٽروليم واري وزير علي پرويز شامل هئا. ملاقات ۾ ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي، ڊاڪٽر فاروق ستار نسرين جليل، امين الحق، جاويد حنيف، فيصل سبزواري ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. ملاقات ۾ ڪراچي سميت سنڌ جي اندروني معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر سنڌ چيو ته ٻنهي پارٽين جي اڳواڻن جي ملاقات ۾ شرڪت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيون ٿا ڪيو هن چيو ته پاڪستاني فوج دنيا کي ڏيکاريو آهي ته اسان جو دفاع مضبوط هٿن ۾ آهي. گورنر سنڌ چيو ته اينڊڙ سال تائين ملڪ کي قرض کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. جڏهن ته جنگ دوران آءِ ايم ايف سان ڪامياب ڳالهيون ٿي ناڻي واري وزير کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو هن چيو ته ڀارت قسط روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ناڻي واري وزير پاڪستان جو مضبوط ڪيس پيش ڪيو ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پاڪستان کي سياسي ۽ معاشي طور تي مضبوط بڻائڻو پوندو هر طبقي کي معاشي استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. گورنر سنڌ وزيراعظم جي قيادت ۾ هٿيارٻند فوج جي مثالي ڪارڪردگي تي اظهار تشڪر ڪيو.

بقايا 14

ڪيوسڪ پاڻي ڏنو آهي جڏهن ته پنجاب جي رڳو ٻن غير قانوني فلڊ ڪئنالن جن ۾ چشما جهلم لنڪ فلڊ ڪئنال کي 17 هزار ڪيوسڪ ۽ تونسا پنجند فلڊ لنڪ ڪئنال کي 8404 ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ سان گڏ ڊيم ڀرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي، پنجاب سنڌو درياهه تان ٿل ڪئنال ۾ 7500 ڪيوسڪ، ڊيراغازي خان ۾ 5500 ڪيوسڪ، مظفرڳڙهه ڪئنال ۾ 5500 ڪيوسڪ ۽ ڪچي ڪئنال ۾ 600 ڪيوسڪ سان گڏ سي آر بي سي جنهن ۾ پنجاب جا 1500 ڪيوسڪ آهن. ان ۾ 4000 هزار ڪيوسڪ ڪنيو آهي، چناب درياهه ۾ اينڊز 28600 ڪيوسڪ سمورو پاڻي پنجاب هڙپ ڪري رهيو آهي، پنجند وٽ 10 هزار ڪيوسڪ هجڻ باوجود سنڌ لاءِ پنجند کي مڪمل بند ڪيو ويو آهي، ٻي طرف جهلم درياهه جي 38560 ڪيوسڪ مان 33 هزار ڪيوسڪ پنجاب ڪئي ڪئنالن کي ڏنو آهي، پنجاب کي سٺو سيڪڙو پاڻي ڪنڌي تي ملڻ باوجو اينڊز ربيع جي فصل جي پوکائي لاءِ ڊيمن ۾ لڳيتو پاڻي جمع ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري هن وقت سمورا ذخيرا 25.8 سيڪڙو ڀرجي ويا آهن ۽ 3 ڍنڍائي 456 ايم اي ايف پاڻي جمع ٿي ويو آهي، ان جي ابتڙ سنڌ جي ٽنهي بئراجن جي ڪئنالن کي فقط 40 هزار 400 ڪيوسڪ پاڻي ڏنو ويو آهي، گڊو بئراج جي ڪئنالن کي 6500 جي جاءِ تي رڳو 2500 ڪيوسڪ پاڻي ملي سگهيو جنهن ڪري گڊو بئراج وٽ پاڻي کوٽ 62 سيڪڙو آهي، سکر بئراج جي ڪئنالن کي 39500 ڪيوسڪ جي جاءِ تي 32260 ڪيوسڪ پاڻي مليو جنهن ڪري سکر بئراج تي 18 سيڪڙو کوٽ ٿي وئي آهي. اهڙي طرح ڪوٽڙي بئراج جي ڪئنالن کي 15700 ڪيوسڪ جي جاءِ تي رڳو 5945 ڪيوسڪ پاڻي ملي سگهيو آهي، جنهن ڪري

ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي جي کوٽ 62 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. پنجاب، ارسا ۽ واپڊا جي هوڏ سبب سنڌ ۾ مجموعي پاڻي جي کوٽ 34 سيڪڙو آهي، جيڪا مئي مهيني جي ٻي ڏهاڪي ۾ انتهائي خطرناڪ آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي اڳاٽي خريف جي پوکائي نه ٿيڻ ڪانپوءِ وچولو خريف شديد متاثر ٿي رهيو آهي. هوڏانهن تونسا کان گڊو بئراج تائين تائين روزاني 26 کان 30 هزار ايڪڙ فوٽن جي پاڻي جي چوري جاري آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ ارسا سميت سنڌ ۽ پنجاب سرڪار خاموش آهن. ٻي طرف سنڌ ۾ پاڻي جي بدترين کوٽ باوجود سنڌ سرڪار خصوصي طور تي سنڌ جو آبپاشي وارو وزير، آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري ۽ سنڌ جو وڏو وزير خاموش تماشائي بڻيل آهن.

بقايا 15

ڏگري روڪي وئي آهي. جنهن پنهنجي تقرير ۾ غزا ۾ جاري تڪرار کي "نسل ڪشي" قرار ڏنو ۽ آمريڪا جي اسرائيل جي حمايت تي تنقيد ڪئي هئي. شاگرد روزوس يونيورسٽي طرفان منظور ٿيل تقرير ڪئي پر پنهنجي تقرير ۾ سياسي خيالن جو اظهار ڪيو جنهن تي نيو يارڪ يونيورسٽي انتظاميا ڪيس ضابطن جي پڇڪڙي جو ذميوار قرار ڏنو. يونيورسٽي جي سينيئر نائب صدر جان بيڪ مين چيو ته روزوس پنهنجي حيثيت جو غلط استعمال ڪيو ۽ سندس خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

بقايا 16

ڪارپوريٽ فارمنگ، وسيلن جي ڦرلٽ ۽ مستقبل ۾ اينڊز ماڻڙ اينڊ منرلس ايڪٽ جهڙن سنڌ دشمن ڪارن قانونن خلاف روڊن تي اچي پرامن عوامي مزاحمت ڪرڻي پوندي اهڙن خيالن جو اظهار هنن سنڌ جي تاريخ ساز جدوجهد ٻيهرلو ڌرڻي جي تجزيي لاءِ حيدرآباد روشن خيال فورم (حرف) پاران حيدرآباد پريس ڪلب ۾ "ٻيهرلو ڌرڻو: نتيجا ۽ اثر" جي عنوان هيٺ ڪوٺايل ويهڪ کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ناميارو دانشور جامي چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ 47ع کان وٺي سياسي بيچيني رهي آهي. ڌرڻي کان اڳ سنڌ ۾ سياسي جماعتن عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ۽ احتجاج جو رستو اختيار ڪيو. ٻيهرلو ڌرڻي جو اعلان وڪيلن ڪيو پر سياسي جماعتون ڌرڻي ۾ موجود هيون. هن چيو ته ٻيهرلو ڌرڻي جي اها خصوصيت هئي ته عام صورتون به جڙن جي صورت ۾ ڌرڻي ۾ اچي رهيون هيون. هن چيو ته اها ڳالهه درست ناهي ته ٻيهرلو ڌرڻي کان اڳ سنڌ ۾ سياسي مايوسي ۽ مانار هئي. پر هن ڌرڻي دهشت ۽ خوف کي ضرور ٽوڙيو. ريا ست جي پڪيل خوف کي سنڌ جي مزاحمت پاش پاش ڪري ڇڏيو هن ڌرڻي آئيني فورمن کي به لفار وڌو آهي هن ته توهان سنڌ دشمن فيصلا ڪندا ته ان جا نتيجا خطرناڪ هوندا. ٻيهرلو ڌرڻو ٻيهرين ڌرڻو هو ۽ نه ئي آخري هو سنڌ ۾ پرامن عوامي مزاحمت جاري رهندي. ناميارو صحافي سهيل سانگي چيو ته اهو پر امن هو ۽ عوام ڌرڻي جي حفاظت ڪئي. سنڌ سداهين پرامن مزاحمت ڪئي. هر تحريڪ ۾ سنڌ جي سماج جو نئون طبقو سامهون آيو آهي ڪينالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف تحريڪ ۾ وري اڳتو وڪيل برادري سامهون آئي. ايڊووڪيٽ امر حسيب پنهور چيو ته اسان وڪيل سنڌ جي عوام سان گڏ آهيون. اسان کي هاڻ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف فيصلائتي جدوجهد طرف وڃڻو پوندو. پوروهيت مزاحمت تحريڪ جي صدر مسرور شاهه چيو ته ٻيهرلو ڌرڻو ختم ٿيڻ شرط سوشل ميڊيا تي ڪيترائي بحث شروع ٿيا. هر هن تحريڪ ۾ ماڻهن کي اهو احساس ٿيو آهي ته اسان جي طاقت ۽ دشمن جي ڪمزوري ڪهڙي آهي. سنڌ جي عوام پرامن عوامي مزاحمت ڪري 12 ڏينهن روڊ تي ويهي پنهنجي طاقت جو اظهار ڪري دشمن جي ڪمزوري کي واضح ڪيو. هن چيو ته وڪيلن جي ٻارڙ ته پيپلزپارٽي جي وڏي سيڪيورٽي ٽيل آهي پر نوجوان وڪيلن پيپلزپارٽي جي ان سيڪيورٽي کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو هن چيو ته اها ڳالهه درست آهي ته سياسي جماعتون وقت تي فيصلو نه ڪري سگهيون ۽ وڪيل ٻيهرلو ڌرڻي جو اعلان ڪري اڳتي آيا. اها ڪنهن کي خبر نه هئي ته هي ڌرڻو سنڌ جو وڏو عوامي ڌرڻو بڻجي ويندو. جيئي سنڌ محاذ جي رهنما سيڪريٽري ڊاڪٽر امير چانڊيو چيو ته هن تحريڪ ۾ مڊل ڪلاس طبقي جو اهم ڪردار نظر آيو هن تحريڪ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو اسان بنا ڪنهن نظرياتي فرق جي گڏجي وڌي ۽ ٻين ڪانسوا ڳڏجي جدوجهد ڪري ڪاميابي ماڻي سگهون ٿا. سنڌ مايوسي جي ڪن مان نڪتي آهي. ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي اڳواڻ مختيار بخشل چيو ته درياهه کي پنهنجا حق ڏيارڻ لاءِ مستقل بنيادن تي جدوجهد جاري رکڻي پوندي. جيستائين درياهه جي مڪمل بحالي نٿي ٿئي

تيستائين چپ ناهي ڪري ويهڻو. حرف جي اڳواڻ ڊاڪٽر شعبان سهتو چيو ته سنڌي سماج جو هر طبقو استحصال جو شڪار آهي. ان جي نتيجي ۾ سنڌ جي ماڻهن ۾ شدت سان ڪاوڙ ۽ بغاوت جنم وٺي چڪي آهي. هاڻي سنڌ جو عوام وڌيڪ ظلم ۽ بربريت برداشت نه ڪندو. پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻ آفتاب جتوئي چيو ته سنڌو درياهه جي تحفظ واري تحريڪ جو وڏو عوامي اظهار ٻيهرلو ڌرڻي ۾ نظر آيو. هن تحريڪ ۾ نوجوانن ۽ وڪيلن ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ ويهڪ ۾ سنڌ جي ٻين عوامي تحريڪ جي سرگرم ڪردار حوا النساء پليجو جي ڳوٺي تي اتي ٻيهي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي. حوا النساء پليجو کي لفظن جي پيٽا پڻ پيش ڪئي وئي.

بقايا 17

هٿيار بڻيل رهي. ڀارتي ميڊيا جي پروپيگنڊا ڀارتي جمهوري دعوائن کي شڪي بڻائي ڇڏيو. آمريڪي اخبار لکيو آهي ته انهن سڀني خبرن جو ڪو ثبوت موجود هو نه ڪڏهن ڪا آزاد تصديق. ڀارتي ميڊيا انهن دعوائن کي اڻين پيش ڪيو ڄڻ اهي حتمي حقيقتون هجن. ڀارتي صحافي راج ديپ اعتراف ڪيو ته پاڪستاني جهاز ڪيرائڻ جي خبر غلط هئي. ڀارتي حڪومت سچ ڳالهائيندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون به ڪيو. ڀارتي حڪومت جي قانوني درخواست تي 8 هزار کان وڌيڪ اڪائونٽن کي بلاڪ ڪيو ويو. جن ۾ اڪثريت پاڪستاني اڪائونٽن جي آهي.

بقايا 18

۾ هڪ عمارت ۾ شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي. عمارت جي گرائونڊ فلور تي زيورن جو دڪان هو جڏهن ته ماڻهو مٿين منزلن تي رهندا هئا. ميڊيا رپورٽن موجب عمارت جي گرائونڊ فلور تي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي، جنهن جلدي ۾ پوري عمارت کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتي ميڊيا رپورٽن موجب باهه ظاهر ٿيڻ تي ٽه باهه جي اطلاع ملڻ تي فائر فائٽنگ عملو فوري طور تي واقعي واري هنڌ پهتو ۽ تڏي ڪرڻ جي عمل ۾ حصو ورتو. رپورٽن ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته باهه ۾ 17 ماڻهو مارجي ويا. جن ۾ 5 سالن کان گهٽ عمر جا 6 ٻار به شامل آهن. جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿيا آهن ۽ انهن جو علاج هلندڙ آهي.

بقايا 19

گرم رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته شهر ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان آهي. ڪراچي ۾ ڏکڻ اولهه کان 13 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون هلي رهيون آهن. جنهن ۾ نمي جو تناسب 69 سيڪڙو آهي. گرمي ۾ واڌ سان گڏ ٿڌي مشروبات جي طلب ۾ به اضافو ٿيو آهي. جڏهن ته گرمي سان لاڳاپيل بيماريون به وڌيون آهن.

بقايا 20

جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي ڇڏي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو ذريعن موجب بلاول ڀٽو زرداري تازي پاڪ - ڀارت ڇڪتاڻ کي ڏسندي وفد سان گڏ يورپ جو دورو ڪندو ۽ عالمي برادري کي ڀارتي جارحيت کان آگاهه ڪندو. بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ قائم ڪيل ڪميٽي ۾ خرم دستگير، حنا رباني کر، جليل عباسي جيلاني، شيري رحمان شامل آهن وزيراعظم آفيس موجب، بلاول ڀٽو جي اڳواڻي ۾ وفد لنڊن، واشنگٽن، پيرس ۽ برسلز جو سفر ڪندو. وفد خطي ۾ ڀارت جي پروپيگنڊا ۽ علائقائي امن کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش کي به نقاب ڪندو. وفد خطي ۾ امن برقرار رکڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوششن کي اجاگر ڪندو.

بقايا 21

چو ته پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ دوران ترڪيه پاڪستان جي موقف جي غير مشروط حمايت ڪئي هئي. ڀارتي پرڏيهي وزارت جو چوڻ آهي ته اهي ملڪ جيڪي ڀارت جي خود مختياري تي سوال اٿارين ٿا، انهن سان لاڳاپن تي نظرثاني ڪرڻ ڀارت جي پرڏيهي پاليسي جو حصو آهي.

بقايا 22

ميمڻ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ جلد ئي چارجنگ اسٽيشنز قائم ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته انهن قدمن سان مختلف ڪاروباري گروهن ۽ فردن کي وڏو فائدو پهچندو جيئن جي شهر ٻوڙهو ۾ سپرمني ترڪ جي رونمائي جي تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه بجيٽ پيٽروليم انويسٽمينٽ هولڊنگز ڪمپني هانگ ڪانگ جي گروپ سي اي او زاهد بشير چيني ڪمپني چيري هولڊنگ جي

چيئرمين ين تونگيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي رونمائي واري تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سپرمني ترڪ جو منصوبو پاڪ - چين صنعتي سهڪار ۽ ٽيڪنيڪي سهڪار جي شاندار مثال آهي. جيڪو ٻنهي ملڪن لاءِ ترقي ۽ خوشحالي جا نوان دروازا کوليندو هن چيو ته چيني ڪمپني چيري هولڊنگ ۽ ٻيدي ٽيڪنالاجي ڪمپني لميٽيڊ جي گڏيل سهڪار سان تيار ڪيل سپرمني ترڪ هڪ انقلابي ايجاد آهي. جيڪا شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ لاجسٽڪ مسئلن جو حل پيش ڪري ٿي. اها ٽرانسپورٽ جو هڪ پائيدار، سستو ۽ دستياب ماڊل پڻ آهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سپرمني ترڪ جديد انجنيئرنگ، هوشيار ڊيزائن ۽ ماحول دوست خاصيتن جو خوبصورت سنگم آهي. جيڪا پاڪستان ۾ هلڪي ڪمرشل گاڏين جي وڌندڙ گهرج کي پورو ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي هن چيو ته سپر مني ترڪ جي اسيمبلنگ لائن جلد ئي ڪراچي ۾ قائم ڪئي ويندي. جيڪا پاڪستان ۾ صنعتي ترقي، مقامي پرزن جي تياري، روزگار جا موقعا ۽ ٽيڪنالاجي جي منتقلي جي عمل کي تيز ڪندي. اهو منصوبو ڪراچي جي ڪاڏين جي صنعت ۾ هڪ علائقائي مرڪز بڻائڻ ڏانهن ٻهرين عملي قدم آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان ضابطن ۾ آساني، بنيادي ڍانچي جي تياري ۽ مقامي افرادي قوت جي تربيت سميت هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو. سپرمني ترڪ جي خاصيت اها آهي ته هي ڪي آساني ۽ هن هڪ سپرمني ڪارڙ تبديل ڪري سگهجي ٿو پنهنجي خطاب ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيني ڪمپني چيري هولڊنگ جي چيئرمين ين تونگيو جي ويزنري قيادت جي واکاڻ پڻ ڪئي.

بقايا 23

پاڪستان۔ ڀارت ڳالهين ۾ سڀ کان اڳيان هوندو. رانا تنوير حسين چيو ته پاڪستان جنگ بندي لاءِ پرعزم آهي پر پاڻ جي دفاع ۾ بلڪل به لاپرواهي نه ڪندو آهي هن چيو ته جيڪڏهن ڀارت بيهر جنگي محاذ کولڻ جي غلطي ڪندو ته ان جو فوري طور تي جواب ڏنو ويندو.

بقايا 24

آزادي سان مشروط نه ڪيو وڃي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته پختونن لاءِ اهڙي وڏي ڳالهه ڪي ڪنهن جي آزادي سان مشروط نه ڪيو وڃي. ايمل ولي خان چيو ته ته هو ڪڏهن به گرينڊ الائنس سان متفق نه ٿي سگهي، هن اهو به چيو ته جيڪڏهن مولانا فضل الرحمان کي شامل نه ڪيو ويو ته محمود اڃڪزئي کي گرينڊ الائنس جو ميمبر نه ٿو سڏيو وڃي.

بقايا 25

6. ڏينهن اڳ لڳل باهه 15 ڪلوميٽر جي جبل جي قطار کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. باهه جهنگلي جيوت کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي ڪيا رستا باهه وسائڻ ۾ ڏکيائي پيدا ڪري رهيا آهن.

بقايا 26

۽ مرڪز زمين کان 205 ڪلوميٽر گهرائي ۾ هو. زلزلي سبب ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جا اطلاع نه مليا.

بقايا 27

حادثو ڪراچي جي سرجاني سيڪٽر 4 ڊي علائقي ۾ پيش آيو حادثي ۾ زخمي ٿيل 12 سالن جي ڇوڪري علاج دوران فوت ٿي وئي. حادثي ۾ زخمي ٿيل اٺ سالن جو پيءُ ماڻهو عباسي شهيد اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي.

بقايا 28

نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران گلستان جوهر ۾ قائم سنڌ يوٿ ڪلب ۾ "تعليم بالفن" جي عنوان سان هڪ ٿيٽر ڊرامي جو اهتمام ڪيو ويو هي ڊرامو فرحان عالم صديقي جي هدايتڪاري ۾ پيش ڪيو ويو. جنهن ۾ نوجوان اداڪارن خواجه معين الدين جي 1956ع ۾ لکيل ڪلاسيڪل ڪردارن ۾ پنهنجي شاندار اداڪاري سان نئين سر جيئاريو نوجوان فنڪارن پنهنجي بهترين اداڪاريءَ ذريعي پراڻي روح ۽ ڪردارن کي نئين نموني نڀايو جنهن تي حاضرين پيرو داد ڏنو هن تقريب ۾ سنڌ جي راندين واري کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري اسد اسحاق، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيد حبيب الله اسسٽنٽ ڊائريڪٽر معيز حسين، ڊي ايس او اسماعيل شاهه ۽ ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايڊيشنل سيڪريٽري اسد اسحاق ۽ سنڌ يوٿ ڪلب جي ايڊمنسٽريٽر سيد حبيب الله ڳالهائيندي چيو ته راندين واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ۽ سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري جي ڌنل ويزن تحت، نوجوانن جي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ مختلف سرگرميون منعقد ڪيون پيون وڃن ۽ هن ٿيٽر جو انعقاد به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. سنڌ يوٿ ڪلب جي ميمبرشپ به جاري آهي. نوجوانن کي گهرجي ته هتان جي ميمبرشپ حاصل ڪن ته جيئن هو راندين جي سرگرمين مان فائدو حاصل ڪري سگهن. "تعليم بالفن" ٿيٽر ڊراموڏسڻ لاءِ آيل معزز مهمانن سنڌ حڪومت جي هن قدم کي نوجوانن لاءِ نهايت ئي بهتر قدم قرار ڏنو هنن چيو ته اهڙين سرگرمين سان نه رڳو اداڪاري جي شعبي کي هٿي ملندي، پر نوجوانن کي صحتمند سرگرمين ۾ حصوولڻ جو به موقعو ملندو. هي ٿيٽر ڊرامو ڪراچي جي نوجوانن پراڻن ڪردارن کي جان وجهي ڇڏي آهي. هي ٿيٽر نوجوان نسل کي پنهنجي ادبي ۽ ثقافتي ورثي سان جوڙڻ جي هڪ اهم ڪوشش هئي، جنهن ۾ نوجوان فنڪارن پنهنجي صلاحيتن جو لوهو مڃرايو.

بقايا 29

14 ڪلاڪن تائين پهچي ويو ۽ لوڊشيڊنگ کان ڇوٽ وارن علائقن ۾ به 12 کان 14 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي ڪراچي جي علائقي لياري، اولڊ سٽي ايريا، ڪياماڙي، ڪورنگي، اورنگي، لانڍي، سهراب ڳوٺ، سرجاني ٽائون، ملير ۾ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي. ان ڪانسواءِ نيو ڪراچي، نارٿ ڪراچي، گارڊن، لياقت آباد، قائد آباد، ايف بي ايريا، محمود آباد سميت مختلف علائقن ۾ بجلي جي اڪ بوٽ جاري آهي ۽ سخت گرمي سبب شهري سخت تڪليف ۾ آهن ترجمان چيو ته لوڊشيڊنگ جي دورانيي جو دارومدار بجلي چوري ۽ نقصان جي شرح تي آهي. علائقائي فالٽ کي لوڊشيڊنگ سان پيٽ ڏيڻ درست ناهي.

بقايا 30

پٽ جي تصوير انسٽاگرام تي شيئر ڪندي نئين مهمان جو نالو پڻ ٻڌايو ان لکيو ته پلي ڪري آيا. اليگزينڊر ٽرمپ بولس اسان توهان سان ڏاڍي محبت ڪيون ٿا. اهڙي محبت جيڪا لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهجي. واضح رهي ته 31 ورهين جي ٽفني ٽرمپ نومبر 2022 ۾ لبنان جائي مائيڪل بولس سان شادي ڪئي هئي ۽ هن پهرين ٻار کي جنم ڏنو آهي.

بقايا 31

درخواست داخل ڪرائي هئي. الزام ثابت ٿي چڪو آهي پر ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود انصاف نه مليو سگهيو تفصيلن موجب. سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي ماحولياتي سائنس شعبي جي هڪ خاتون پروفيسر پنهنجي سائي اسسٽنٽ پروفيسر عبدالمجيد پيرزادي مٿان هراساني جو الزام لڳائيندي وائس چانسلر کي لکيل شڪايت جمع ڪرائي آهي. ٻهرحال يونيورسٽي انتظاميا طرفان هن معاملي تي پڪ بعد ديگر ڪميٽين جوڙي وين آهن. پر هن معاملي تي اجا تائين ڪو خاطرخواهه فيصلو نه ڪيو ويو آهي اهڙو انڪشاف معين خاتون پروفيسر طرفان وائس چانسلر کي لکيل ٻئي خط ۾ ڪيو ويو آهي. خاتون پروفيسر جو چوڻ آهي ته مختلف ڪميٽين جي سامهون جڏهن هراساني تي قانوني ڪارروائي مڪمل ٿي چڪي آهي ته پوءِ به انصاف ڇو نه ٿو ملي؟ ڪين بار بار اهو اڻهو وڃائڻ لاءِ چيو پيو وڃي ۽ فيصلي ۾ دير ڪئي پئي وڃي خاتون پروفيسر جو چوڻ آهي ته ڪيئن خدشو آهي ته سياسي دٻاءُ تحت هن معاملي کي دٻائڻ لاءِ چيو پيو وڃي اهڙو خدشو خاتون پروفيسر مبينا طور مخالف ڌر طرفان مختلف سفني حربا استعمال ڪري معاملي کي دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪان پوءِ ظاهر ڪيو آهي ٻهرحال خاتون پروفيسر جو چوڻ آهي ته هو اجا تائين انصاف جي منتظر آهي ته جيئن اهڙا ناگوار واقعا ٻي ڪنهن خاتون سان پيش نه اچن ميڊيا کي ان تي شوڪاز ليٽر جي ڪاپي ملي آهي جنهن ۾ عبدالمجيد پيرزادي مٿان ٻن جاچ ڪميٽين جي نتيجي ۾ هراساني جو الزام ثابت ٿي چڪو آهي ۽ ميجر پينلٽي جي سفارش ڪئي وئي آهي. پر انتظاميا اڃا تائين ڪو فيصلو ناهي ڪيو سوال هي آهي ته اهڙن واقعن کي ڪيس ڪرڻ ۾ دير ڇو؟ يونيورسٽين ۾ اهڙا واقعن جي نوٽس ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. نه ته دير

بقايا 32

مئي جي تاريخ مقرر ڪئي آهي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت جي جج ڪوٽ لکپت جيل ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ عدالت 267 جوابدارن کي فرد جرم جون ڪاپيون ورهايون. عدالت جناح هائوس حملي جي جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ 24 مئي جي تاريخ مقرر ڪئي آهي. ٻڌڻي ۾ ڊاڪٽر ياسمين راشد ۽ ٻين حراست ۾ ورتل جوابدارن جي حاضري مڪمل ٿي وئي. ان کان علاوه جيل ٽرائل ۾ ضمانت تي حمزه ۽ خديجه شاهه سميت ٻيا جوابدار پيش ٿيا.

بقايا 01

شهر جي مختلف علائقن مان ٿيندو شهيد فاضل راهو چوڪ تي پهتو جتي جلسه عام تبديل ٿي ويو پيادل مارچ ۾ عورتن پڻ تعداد ۾ شرڪت ڪئي، مارچ ۾ بچل احمداڻي، رشيد گوپانگ شازيہ احمداڻي، بختاور جمالي، گيانچند مهيشوري، اصغر ٿوتڪائي، عبدالله چانڊيو، لائو پيل يوسف لاشاري، ساٿول گوپانگ لالچند پيل، حسين درس، سڪندر ڪاٺياٽڻ، سومار سولنگي، اسماعيل مهيري، علي اڪبر ڪوسو ۽ ٻيا شامل هئا. جلسي عام کي خطاب ڪندي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌين سان دوکو ڪيو ويو آهي. حڪمران سنڌ جي عوام کي ڌتا ۽ سڪتا دلاسا ڏيئي سنڌو درياهه تي ڪئنال ٺاهين پيا ۽ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون تين وال ڪن پيا. جڏهن ته سنڌ جي پيرن هيٺان زمين پٽي ٽڪري پر حڪمران سنڌ جي عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ واهه واهه ۽ مبارڪون مبارڪون جون صدائون هڻيو جشن پيا ملهائين. پنيان ڪئنالن جو ڪم جاري آهي ۽ سنڌ جون زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ جي ٿالي تي الاٽ پيون ٿيڻ. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌيو ميدان تي نڪرو ٿاڻڪن کي ٿڏي چڙيو سازشن کي رد ڪري ڇڏيو. جدوجهد جو هڪڙو طريقو آهي رستن، گهٽين، مين روڊن تي مسلسل هلندا رهو ڪنهن به درامي ڪنهن به هٿ ٺاٺ جو شڪار نہ ٿيو ڪنهن به ڪوڙي خوشخبري کي چيڪ ڪرڻ ڪانسواءِ ان جي پويان نہ لڳو حڪومت جي هڪڙي ٽيم گڏجي حڪومت جي ٻئي ٽيم سان ڳالهيون ڪري سنڌين کي ٻڌائين پيون توهان جو مسئلو حل ٿي ويو آهي ٻئي ڌريون هنيون حڪومت جون اٿهن ٻنهي گڏجي ڪيو سنڌ حڪومت شريڪ آهي سنڌ جي پاڻي جي ڌاڙي ۾ تنهنجي ڪري ٻئي اسان جا مخالف آهن، سنڌ جا ويري آهن ان جي خلاف جدوجهد جاري رکو. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ ڪوديم ڪون ٺاهيو ويو آهي جنهن ۾ برسات جو پاڻي اسٽور ٿئي، بلوچستان مان جيڪو ٻوڏ جو پاڻي اچي ٿو اهو گڏ ڪري سنڌ جي ماڻهن کي ڏجي، سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ وفاقي يونيورسٽيون ٺهيون ٺهن سنڌ ۾ روزگار جا موقعا ڪون آهن ليپٽاپ به لاهور جي شاگردن لاءِ آهن اليڪٽرڪس موٽر بائيڪس به لاهور جي شاگردن لاءِ آهن اوورسيز پاڪستانين جي پروگرام ۾ پنجاب جا ماڻهو آهن انڊسٽري گجرانوالا، سيالڪوٽ ۽ فيصل آباد ۾ لڳندي سنڌ جي ڪوٽڙي، گهوٽڪي، ڏاهيچي ۽ نوري آباد جي انڊسٽري بند ڪبي سنڌ جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ صنعتون نہ لڳنديون آهي پاڪستان جي مفاد ۾ ڪون آهن صنعتون لاهور ۾ لڳنديون آهي ملڪ جي مفاد ۾ آهن ڊيم به پنجاب ۾ ٺهندو ته ملڪ جي مفاد آهي ۽ سنڌ ۾ بڻراج نہ ٺهندو اهو ملڪ جي مفاد ۾ ناهي. اياز لطيف پليجي چيو ته جيڪو ماڻهو ڪيٽي بندر ويندو ان جي تلاشي ٿيندي، جيڪو سلار ڪوٽ ۽ تنگر پارڪر ويندو ان جي تلاشي ورتي ويندي لاهور سميت پنجاب جا شهر خوبصورت ٺهندا اتي ڪاٽيج انڊسٽري هئبي اتي صنعتون ٺهنديون ۽ سنڌين کي ڏبي بڪ، پنڻ جا پروگرام ۽ انڪم سپورٽ پروگرام جا ڪارڊ ۽ پوءِ ان جي عيوض چوندا ته ووٽ ڏيو. اياز لطيف پليجي چيو ته صرف ڌرتي ته ۽ صرف ڌرتي ۽ بہ درياهہ ۽ ڌرتي ٻئي، تنهنجي ڪري رڳو ڪينال روڪي فقط درياهہ ناهي بچائڻو پر درياهہ سان گڏ سنڌ جون زمينون بچائيڻيون آهن. درياهہ اسان کي ڪبي هن ڌرتي لاءِ، ڪارپوريٽ فارمنگ ختم ٿئي ۽ هي ڌرتي اسان ڪان کسي وڃي، تہ پوءِ خالي درياهہ اسان کي جانور وينجهاڙ لاءِ ڪبي ڇاڪاڻ درياهہ اسان کي ٿيبين هٿڻ لاءِ گهرجي جا اسان کي درياءُ ۽ درياءُ جو پاڻي ڪبي هن ڌرتي لاءِ، تنهنڪري ٻهرين هي ڌرتي بچڻ ڪبي ۽ ان ڌرتي کي بچائڻ لاءِ سنڌي سب گڏ آهيون، سب هڪ لالڪار آهيون، قدم قدم ٿي هڪڙو قافلو بڻجي ويا آهيون ۽ اهو قافلو تيسيتائين هلندو جيستائين درياءُ ۽ ڌرتي موٽائي ست ڪرڙ سنڌين جي حوالي نہ ٿيو ڪئي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ڪئنال ٺهيا ته سنڌ ڪربلاجو ميدان هوندي ماڻهو هڪ ٻڪ لاءِ ترسندا ٿڻ صوبن کي ريگستان بڻائي هڪ صوبي کي سرسبز بڻائڻ ڪٿي جو انصاف آهي؟ ملڪ ۽ رواداري، برابري ۽ انصاف تي هلن ٿا، ته ڪي تعصب ۽ استحصال تي. هن وقت سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ 70 سيڪڙو آهي سنڌ ۾ ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي ويندي اياز لطيف پليجي چيو ته ڪينال هر ان ماڻهو جو مسئلو آهي جيڪو سنڌ ۾ رهي ٿو جنهن وٽ پلي هڪ جريب زمين به نہ هجي، حڪمرانن کي مڱي آهي اهي سمجهن ٿا ته سنڌي سنڌن ڪيسي ۾ پيل آهن اٿهن جو دماغ خراب آهي سنڌي غلام ناهن پنهنجي سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي ٿالي سان زمينن تي قبضو ٿيڻ ڏيندا. اياز لطيف پليجي چيو ته هنن بدي ۽ ڏيوٽ جي سڱاوتي ڪئي آهي، هي وقت مايوس ٿيڻ، ٿڪجڻ، روئڻ، بهانا ڪرڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ گهر ويهڻ جو ناهي، هي وقت ڳات اوچو ڪري، جهر جهنگ سڄاڳ ڪرڻ ۽ گهٽي گهٽي ۾ مزاحمت ڪرڻ جو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ بک، بدامني ۽ غربت ۾ گهيريل آهي نوان ڪينال ٺاهڻ ۽ زمينن تي قبضو سنڌ جو مستقبل داءَ تي لڳائڻ آهي سنڌو درياهہ جو رستو بند ڪري ملڪ جي وحدت سان نہ کيڏيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته چشما ۽ تونسہ واهن کي مسلسل وهائڻ ۽ نوا ڪينال ٺاهڻ غير آئيني عمل آهي. سنڌ جي هاري ۽ مزدور کي پن وقتن ماني لاءِ محتاج بڻايو ويو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته وفاقي سيڪريٽريٽ ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر ۾ سنڌ جي ڪا بہ نمائندگي ناهي سنڌ جي ملازمن سان وفاقي کاتن ۾ امتيازي سلوڪ ڪيو پيو وڃي وفاق سمجهي ته سنڌ جي عوام جي صبر جو پيمان ختم ٿي رهيو آهي، دير ته وڃي سياسي پارٽين جي مفادن جي جنگ ۾ پاڪستاني عوام تماشو بڻجي رهيو آهي وفاق، پارليامينٽ ۽ عدليہ سنڌ جي عوام جون شڪايتون ٻڌ نہ ٻڌي رهيون آهن؟اياز لطيف پليجي چيو ته زرداري شهباز نوان ڪئنال ناهي سنڌ جي مستقبل کي داءَ تي لڳائي سنڌي تهذيب کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا، سنڌو درياءَ جو رستو روڪي پاڪستان جي يڪجهتي امن امان جمهوريت سان نہ کيڏيو وڃي سنڌو درياءَ مان نوان ڪئنال جي تعمير پاڪستان جي بقاءَ لاءِ خطرناڪ سازشون آهن. سنڌ پاڪستان ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ حقيقي جمهوريت چاهي ٿي، سنڌ کي ٻڌايو وڃي تہ سنڌ جو قصور ڪهڙو آهي جو سنڌ جو پاڻي بند ڪري درياءَ سنڌ مان ڪئنال ڪڍيا پيا وڃن سنڌ کي پٽ سان لڳايو پيو وڃي. سنڌ جي تهذيب ۽ قومي سڃاڻپ درياءَ ڪسيو پيو وڃي، اياز لطيف پليجي چيو ته پاڪستان جي عوام جي حقيقي نمائندگي ڪرڻ واريون اسيمبليون موجود ناهي اسيمبليون چورن ڌاڙيلن ڦورن جي حوالي آهن. سنڌ جي هاري ناري مزدور کي ماني لاءِ محتاج بڻايو ويو آهي، پيپلزپارٽي ۽ زرداري سنڌ کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ جا غريب سڏڪويل ڏڪويل ماريل هيسيل ماڻهو اڄ به پٿر واري دور جي ماڻهن جيان جيئڻ تي مجبور آهن، زرداري، شهباز شريف پنهنجي عارضي مفادن جي لاءِ فيڊريشن کي نقصان پهچائڻ بند ڪن

بقايا 02

داخل ڪوچ ڊرائيور فرار ان سلسلي ۾ روهڙي ويجهو پٽڻي ٿاڻي جي حد نيشنل هاءِ وي تي بيگم نصرت ڀٽو يونيورسٽي پرسان تيز رفتار مسافر ڪوچ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 60 سالن جي عورت گل ناز زال غلام قادر جاگيراڻي ڪنڌرا واسڻ موقعي تي ئي فوت ٿي وئي جڏهن ته سندس مڙس غلام قادر جاگيراڻي ۽ 7 ورهين جي نياڻي سهاڻا ڌي رميز راجا جاگيراڻي سخت زخمي ٿي پيا حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن غلام قادر پنهنجي زال ۽ ننڍڙي نياڻي سان گڏ موٽرسائيڪل تي سوار ٿي وڃي رهيو هو ته تيز رفتاري سان ايندڙ ڪوچ ٽڪر هنيو حادثي کان پوءِ ڪوچ جو ڊرائيور ڪوچ سميت فرار ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پٽڻي پوليس موقعي تي پهچي جتان لاش ۽ زخمين کي هنگامي بنيادن تي تعلقي اسپتال روهڙي ڪٺائي آئي جتي ٻهرياتي امداد ڪانپوءِ ٻنهي زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ سول

اسپتال سکر ريفر ڪيو ويو جڏهن تہ فوتي عورت جو لاش ڳوٺ ڪنڌرا پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو وارثن سان گڏ ڳوٺ واسين پڻ ڳاڙ مان رڙ ڪري جو بہ ميڙ تعزيت لاءِ پهچي ويو جڏهن ته پوليس واقعي بابت اجا تائين ڪا به قانوني ڪارروائي نه ڪري سگهي آهي متاثر خاندان ۽ علائقي واسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فرار ٿيل ڪوچ ڊرائيور کي جلد گرفتار ڪري انصاف ڏيارپو وڃي

بقايا 03

ميونسپل ڪاميٽي ۽ تعلقي جي 18 يوسي چيئرمينن هڪ به نه ٻڌي مليل چاڙ موجب گڏريل ٻن مهينن ۾ 500 جي لڳ ڀڳ رولوچتن ڪتن ماڻهن کي ڏاهي سخت زخمي ڪيو آهي جن مان 410 ماڻهن کي پنوعاقل جي تعلقہ اسپتال سميت مختلف بي ايچ يو ڊسپينسرين وٽ انجيڪشنيون ڪرايون ويون آهن جڏهن ته ٻيا ڪيترا ماڻهو وقت سرچتن ڪتن جي ڏاهلن کي انجيڪشن نہ لڳي سگهيون آهن جيڪي ڪنهن به وقت ڇتي ڪتي جي اثر سبب ماڻهن کي نقصان پهچائي سگهن ٿا هوڏانهن شهر توڙي ننڍن وڏن شهرن ڳوٺن ۾ رولو ڪتا ڇتا ٿيڻ ڪري ماڻهن ۾ خراس پيل آهي ان ڏس ۾ پيپلز پارٽي توڙي ٻين پارٽين جي چونڊيل چيئرمينن سي ايم او ۽ ٽي ايم او توڙي سيڪريٽرين کي گهرجي ته هاءِ ڪورٽ سميت عدالتي حڪمن تي عمل ڪندي رولو ڪتا مارڻ مهم شروع ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهو ڪتا ڏاڙهڻ واري بي وقتائتي موت کان بچي سگهن.

بقايا 04

قومي ڪارڪن امتياز پٽي ساگر ملاح ۽ ٻين جي بازيابي لاءِ جيئي سنڌ محاذ پاران سرفراز ميمڻ علي رضا خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ نوابشاهہ پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي ميڊيا سان ڳالهائيندي هنن چيو ته سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ اسان جي ڪارڪنن کي ڪنهي گم ڪيو ويو آهي 74 ڏينهن گذرڻ باوجود اڄان تائين انهن جو پتو نہ پئجي سگهيو آهي هنن وسوارن کان مطالبو ڪيو ته امتياز پٽي ساگر ملاح ۽ ٻين قومي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 05

ضروري آهي. اهو اظهار سنڌ جي جهونئي اديب شاعر ۽ خطاطي دان محمد هاشم "درد" نور آرٽ آشرم تي سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ جي دستوري گڏجاڻي جي صدارتي ويچارن دوران ڪيو هن چيو ته ادب ۽ شاعري ۽ نثر جو ڳانڍاپو ياءُ پيڻ وارو ضروري آهي پران جي سرجاءِ ۾ هر ذات ڏٺي کي رت ولوڙو پوي ٿو گڏجاڻي ۾ سڪرنڊ جي نوجوان ڪوجناڪار سجاد حسين خاصخيلي "سنڌ ۾ ميانوالي تحريڪ جي ڪردار گاجي شاهہ" تي تحقيقي پيپر اديب الهرکيو خاصخيلي "تغلق دور تي تاريخ جو ورق" پوهي ٻڌايو جڏهن ته نوجوان شاعر خير محمد لاکو نثرانو نظم، شاعر قلندر بخش ملاح چوسنا، شاعر شمن علي مڪسي شاعري ادبي تنقيد لاءِ پيش ڪئي، جنهن کي مجموعي طور سراهيو ويو جڏهن ته درد محمد هاشم اٿو صدارتي ويچارن سان گڏ آخر ۾ پنهنجي شاعري ٻڌائي، گڏجاڻي ۾ سنڌ هند جي شاعر شري ڪانت صدف جي وچوڙي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو گڏجاڻي ۾ مانڪ ملاح، نور ڪبيرو محمد عالم ڪيريو ۽ وقار علي ڪيريو پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 06

پر ۾ احتجاجي مظاهرا ڪرڻ جو اعلان ڪندي عوام کي پرپور شرڪت جي اپيل ڪئي آهي. پاڻي تي ڌاڙي ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف جدوجهد وڌيڪ تيز ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو آهي. جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ لوئر سنڌ جي ضلعي عهديدارن جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته گذريل 17 سالن کان مسلسل حڪومت ۾ هجڻ جي باوجود پيپلز پارٽي سنڌ ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي هن چيو ته هن وقت سموري سنڌ بدامني جي ور چڙهيل آهي، خاص طور تي ڪشمور، گهوٽڪي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ شديد بدامني ماڻهن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي مقامي بااثر ظالم وڏيرن، ڌاڙيلن ۽ پوليس جي ڪارين رڍن جي شيطاني گٺ جوڙ پنگ لاءِ اغوائن کي هڪ منافع بخش ڌنڌو بڻائي ڇڏيو آهي پاڻي تي ڌاڙي زمينن ۽ وسيلن تي قبضي جي سازش کان وٺي ڌاڙيل راڄ تائين، سنڌ چوطرف مافيائن جي گهيري ۾ آهي. بدامني جي ڪري تعليم ڪاروبار معيشت ۽ ثقافت کي ناقابل تلافي نقصان پهچي رهيو آهي هن چيو ته اڄا تائين درجنين ماڻهو ڌاڙيلن جي قيد ۾ آهن. خاص طور تي هندو اقليتي برادري کي پريشان ڪيو پيو وڃي، جنهن جي ڪري هزارين هندو خاندان پنهنجا گهر ۽ ڪاروبار ڇڏي هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. ڪاشف سعيد شيخ چيو ته جماعت اسلامي ان سنگين مسئلي تي اڳ بہ آل پارٽيز ڪانفرنس، ڌرڻا ڏنا آهن، پر عوامي احتجاج ۽ اعليٰ اختيارين کي بار بار ڌيان ڏيارڻ باوجود سنڌن مٿي تي جون بہ نہ ٿي چري جيڪا بي حسي جي انتها آهي. امن مهيا ڪرڻ بدران، امن جي لاءِ پرامن احتجاج ڪندڙن تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪرڻ حڪمرانن جي شرمناڪ عمل ۽ بدترين فسطائيت آهي. صوبائي امير زور پريو ته عوام جمعي تي بدامني خلاف جماعت اسلامي طرفان ٿيندڙ احتجاجي مظاهرن ۾ ڀرپور شرڪت ڪري سڄاڳي جو ثبوت ڏين اجلاس ۾ حيدرآباد، ميرپور خاص ۽ نواب شاهہ ڊويزن جي عهديدارن شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ڪارڪردگي رپورٽ سميت ٻين تنظيمي، دعوتي ۽ عوامي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي صوبائي نائب امير محمد افضال، جنرل سيڪريٽري محمد يوسف، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري نواب مجاهد بلوچ، الطاف احمد ملاح، سهيل شارق، زاهد حسين راجپر پڻ موجود هئا

بقايا 07

سڃاول، ٺٽو ۽ بدين ضلعن ۾ بدترين تباهي آڻڻ کان پوءِ به سمنڊ ۾ خاموش ٿي ويو پر طوفان متاثرن وڃارن جي زندگيون ۾ اڄان تائين مانار نہ اچي سگهي!! گهاتوئن جي گهر موٽي نہ اچڻ ڪري 26 سال پراڻا زخم اڄان تائين تازا، ڪيترن ئي وڃارن جا لاش نہ ملڻ ڪري سنڌن مائرون وڃارن هنجون هاري آڪين جو نور وڃائي سنڌن اوسيڳي ۾ مالڪ حقيقي سان وڃي مليون آهن. حڪومتي سطح تي ٿيل سمورا سڪتا اعلان به اڌورا ٿي رهجي ويا، ساموٿڊي پٽي جا رهواسي هن وقت بہ قدرتي آفتن سبب غير محفوظ بنيل رپورٽ مطابق 19 مئي 1999ع ۾ سنڌ جي ساموٿڊي پٽي ۾ ڪاريءَ رات جو آيل خطرناڪ ۽ موتمار سامونڊي طوفان نواي کي اڄ 26 سال مڪمل ٿي ويا آهن انتهائي تيز ترين 170 ميل في ڪلاڪ جي رفتار ۽ تيز هوائن سان آيل ان وڏو اثر سنڌ صوبي جي ساحلي پٽي وارن ضلعن بدين، ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي ساموٿڊي ڪناري وارن شهرن ۽ ڳوٺن تي هو طوفان هيٺ جي گهرن، انفراسٽرڪچر زراعت ۽ فشريز جي صنعت کي وڏي پئماني تي تباهہ ڪيو ائچاييل ادارن جي رپورٽن مطابق ڇاڻايل طوفان ۾ 5,200 ڳوٺن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 600,000 ماڻهو متاثر ٿيا 82,181 گهر مڪمل تباهہ ۽ 67,285 گهرن کي نقصان پهتو 400,000 ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ جي کاري پاڻي سان ٻڏي بنجر بڻجي وئي، ۽ 28,000 جانور پڻ متاثر ٿيا، 675 مڇي مارڻ واريون ٻيڙيون تباهہ ٿي ويون ۽ سرڪاري انگ اکرن مطابق 191 ماڻهو جن ۾ اڪثر مڇي ماريندڙ هئا سي مارجي ويا هئا. جڏهن ته مقامي طور انگ اکر گڏ ڪندڙ تنظيمن مطابق 450 جي لڳ ڀڳ ماڻهو مئا هئا، ان وقت جاتي تعلقي جي ساموٽڊي پٽي ۾ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ وڻن تي رڳو لاش ئي لاش لٽڪيل نظر آيا، سمنڊ اندر ويل ماهيگير واپس نہ موٽيا، سنڌن هوڙا لانچون ٽٽي پرزا پرزا ٿي تباهہ ٿي ويون ۽ گهاتوئن جا لاش تسرجي ٻيلن ۾ پيل ۽ وڻن ۾ ٽنگيل نظر آيا هرپاسي پاڻي پاڻي هجڻ ڪري بچي ويل رهواسين کي سنڌن پيارن جا لاش دفنائڻ لاءِ زمين به نہ

ٿي ملي. 1999ع جي ساموٿڊي طوفان ۾ رڳو سجاول ضلعي جي ساموٿڊي ڪناري وارن ڳوٺن ۾ رهندڙ ۽ سمنڊ ۾ مڇي ۽ شڪار ڪندڙ 448 انسان حياتيون وڃائي ويٺا ۽ ڪيترن ئي ڏينهن ۽ مهينن تائين ڳوٺن ۽ ساموٿڊي ٻيٽن مان لاش ۽ هڏاوان پڃرا هٿ ايندا رهيا. ساموٿڊي طوفان جتي اڻيڪ نقصان ڏنا، اتي وڃوڙي جون درد ڪهاڻيون پڻ ڇاتيون ۽ ماڻهن جي حصي ۾ آيون طوفان ۾ عارو ملاح جا چار پٽ مري ويا هئا، جن جي جدائي ۾ هو روئي روئي سندس اکين جو نور وڃائيجي ويو. مائي سومري ۽ ٿالي هڪ عورت جا ٽي ٽائي، هڪ ڌير ۽ هڪ گهرو پٽ مري ويو هو جنهن پنهنجي پيارن جي موت تي "اعلائيل معاوضو" جي حلفيہ فارم پڙڻ کان انڪار ڪندي چيو هو ته "دل ٿي مڃي ته هو مري ويا آهن ۽ سرڪار تي به ڀروسو ناهي ته اها واقعي مدد ڪندي." ڳوٺ چڇر ڏانڊل جي مائي ليلان سڄي ڪٽنب جي 18 ڀاتين جن ۾ شامل نوجوان ٽنهن، ڀاڙن ۽ ڏيڻن کي علائقي مان روز خيرات وٺي پالڻ ڪان وڌيڪ پنهنجي فوت ٿيل ٻن پٽن، ٽن نائين ۽ مڙس جي وڇوڙي جو درد پالينيدي هئي. سندس پرائي ۽ ڇتين لڳل جولي جي قاتل ڪيسي ۾ سندس وڇڙي ويل پيارن جون تصويرون موجود هونديون هيون. تصويرون ڪي هو چمندي ٿيٺ پاڻ بہ فوت ٿي وئي. سنڌ جي وسيلن سان مالامال ساحلي پٽي ۾ اڄ بہ بک، بدحالي، غربت ۽ افلاس جو راڪاس نظراچي ٿو ان وقت جي وزيراعظم ميان نواز شريف ۽ سنڌ حڪومت جي ڪيل ڪنهن اعلان تي اڄ ڏينهن تائين عمل نہ ٿي سگهيو ساحلي پٽي ۽ جي ڳوٺن کي ماڊل وليج بنائڻ ۽ مستقبل ۾ طوفان کان بچاءَ لاءِ پاءِ وغڻ وارا اعلان به اعلان ٿي رهجي ويا. ساموٿڊي طوفان جي زخمن ۽ چوٽ چوڙهي ويل مهانگائي به ويچارن وڃارن ۽ مسڪين ماڻهن جي جيلهہ جهڪي ڪري ۽ جهڪا جهڪ ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 08

. پوليس گهرن مان 2 تولا سونا زيور هڪ لک 45 هزار رقم ۽ ڪنوار جي ڏاڄ سميت ٻيو سامان ڪٽي وٺي آهي : ڳوٺاڻا رپورٽ موجب وڳڻ ويجهو پوليس چڙهائي دوران ڪنيل ڪنوار جو ڏاڄ سونا زيور رقم واپس ٿئي متاثرن انصاف جو مطالبو ڪيو خبر موجب وڳڻ ويجهو گذريل ڏينهن قمبر ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس اتالڙ ڳوٺ ٻنيون تي چڙهائي ڪري ڳوٺاڻن محرر چانڊيو علي محمد ۽ عاشق چانڊيو جي گهرن مان ڪنيل 2 تولا سونا زيور هڪ لک 45 هزار رقم ۽ ڪنوار جي ڏاڄ سميت ٻيو سامان پوليس واپس نہ ڪيو ان حوالي سان متاثر ڳوٺاڻن جو ڏاڍهڻ هو ته قمبر پوليس بناجواز گهرن ۾ گهڙي پچ ڄاهڪري پيتن مان نياڻي جو ڏاڄ 2 تولا سونا زيور هڪ لک 45 هزار روڪ رقم ۽ گهريلو سامان ڪٽي وٺي آهي جنهن جي واپسي لاءِ قمبر ٿاڻي تي ويا آهيون پر سامان واپس ناهي مليو هنن وڌيڪ چيو مسڪين پورهيت آهيون هاريو ڪري پيٽ گذر ڪيون ٿا پوليس سياسي چرچ تي گهرن جو سمورو سامان ٻهاري وٺي آهي جڏهن ته پوليس اسان جا چار نوجوان گرفتار ڪري سخت ذهني ٽارچر بعد ڇڏيا جيڪي خوف ۾ ورتل آهن هنن ايس ايس پي قمبرشهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته پوليس پاران ڪنيل سونا زيور رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 09

افسوسناڪ واقعو جو جوابدار پوليس گرفتار ڪري ورتو ان سلسلي ۾ ترجمان پوليس موجب سڪرجي سانگي ٿاڻي جي حد ۾ ڏير هٿان مبينا طور غيرت جي نالي تي پاڄائي کي قتل ڪرڻ واري واقعي جو مڪ جوابدار عاشق ولد عبدالرسول ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري ورتو آهي جاچ بعد جوابدار خلاف وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 10

حتجاجي مظاهرو ڪري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجو مڙس ظفر عباسي فوت ٿي ويو آهي ۽ ان جي جي ٽلي تي گوليسار نوابشاهہ ۾ هڪ جڳهہ آهي جنهن تي منهنجو ڏير غفورالدين عباسي 9سالن کان قبضو ڪيو ويٺو آهي اسان جڏهن به پنهنجو حق گهرڻ لاءِ وڃون ٿا ته اسان کي موت مار ڌمڪيون ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏي ٿو هن چيو ته مان دربدري واري زندگي گذاري رهي آهيان، هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته موکي پنهنجو حق وٺرائي ڏنو وڃي جيئن مان پنهنجي ٻچڙن سان گڏ بهتر زندگي سگهان.

بقايا 11

متاثرين هن جديد دور ۾ به غربت ۽ فاقا ڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. طوفان جو اثر اڄ ب انهن علائقن ۾ ترو تاز آهي، ڪهڻي ماهيگيرن جا پيارا اڄ ب هندستان جي جيلن ۾ اذيت واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، جيڪي طوفان کان بچڻ لاءِ هندستان جي حدن ۾ داخل ٿي ويا هئا، اڄ ب مهانگا انهن کي ياد روئي پونڌا آهي، حڪومت پنهنجن اعلانن کي ايتري وڏي عرصي ۾ ب پوري نہ ڪري سگهي آهي. تباهي کانپوءِ حڪومت پاران سڀ کان زياده متاثر ٿيندڙ ڇاتي جي هڪ ڳوٺ عبدالرحمن دهاتدل کي ماڊل وليج بنائڻ ۽ فوت ٿي ويل ماهيگيرن جي وارثن کي هڪ هڪ لک روپيا ڏيڻ جا اعلان صرف اعلان ٿي رهجي ويا، حڪومت پاران وعدو وفا ته ٿيڻ ڪري ساحلي پٽي جا ماڻهو اڄا بنيادي سهولتن کان محروم آهن، هن مشڪل دور ۾ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ خاندان جي راشن جو خرچ ڪيترو ٿئي ٿو پوءِ جتي 450 ماڻهن جي موت سان ٿيندڙ هزارين خاندانن جي تباهي جو اندازو به حڪومت ته ڪري سگهي ته ان حڪومت تي سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهجي.

بقايا 12

وزيراعظم نواز شريف ۽ هاڻوڪي وزيراعظم شهباز شريف ساحلي پٽي جا ست پيرا دورا ڪري هر ڀيري ڪيترائي اعلان ڪيا جيڪي ۾ مختلف ڳوٺن کي ماڊل وليج بڻائڻ مري ويلن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ ڳوٺن جي حالت بهتر بنائڻ سميت قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ارلي وارننگ سسٽم لڳائڻ جا اعلان ڪيا پر انهن مان ڪنهن هڪ تي بہ عمل نہ ٿي سگهيو آهي. ان سلسلي ۾ ساحلي پٽي کي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته 1999 ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت هئي ۽ نواز شريف وزيراعظم هو هن وقت بہ انهن جي ئي حڪومت آهي. وزيراعظم نوازشريف گهر ٿيل ۽ مري ويل جي وارثن کي هڪ لک روپيہ معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو پران لاءِ ب اسان کي اسٽامپ پيپر تي قسم نامو ورتو ويو ۽ صرف 30 هزار ڏنا ويا آهي ۽ سپني متاثرن کي ته ملي سگهيا. انهن چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ 1999 واري طوفان کان پوءِ جر ڪاور ٿي ويو پيٽ جو منو پاڻي توڙي ٻيون ضرورت واريون سهولتون سان کي ميسر نہ آهن انهن چيو ته حڪومت پنهنجن ڪيل اعلانن تي عمل ڪري ۽ ساحل تي بنيادي انساني سهولتون مهيا ڪري ڏيئون وڃن ۽ قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ اپاءَ وٺي آئند لاءِ اهڙي سانحي کان اسان کي بچايو وڃي.

بقايا 13

علامہ اورنگزيب فاروقي پاڪستاني هٿيارٻند فوج کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ ڪارڪنن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سانگهڙ ضلعي پريس ڪلب جو دورو ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته پارت سان پاڪستان جي جنگ سپني سياسي پارٽين کي متحد ڪيو ۽ هن پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو ته جيڪڏهن اسان پاڪستاني آهيون فوج جو ساٿ اسان جو حق آهي. بعد ۾ مدرسہ خلفاء راشدين گڇيري ۾ قرآن پاڪ جون 20 ڪان وڌيڪ دستاربندي ڪئي وئي. شاگردن ۽ مزدورن کي خطاب ڪندي هن چيو ته هن پنهنجي سپني ٻڌندڙن ساٿ ڏيندڙ جي حڪمر ڏٺوڻ پاڪستاني فوج اسان جو فخر آهي. جڏهن ب پاڪستاني تي گلن جي برسات ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي حق ۾ نعرا هڻي انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي. آخر ۾، حضرت ملڪ پاڪستان، پاڪستان فوج، اداري ۽ ان جي شاگردن لاءِ دعا ڪهري ۽ پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا. بعد ۾، هن ضلعي اڳواڻ سيد عبدالسميع شاهہ جي عيادت ڪئي ۽ سندس صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. ان چيو ته عبدالسميع شاهہ اسان جي قافلي جو

بهترين ڪمانڊر آهي ۽ سندس قربانيون عظيم آهن. ان سان گڏ سني ڪوآرڊينيشن ڪائونسل ضلعي صدر مولانا شوڪت علي فاروقي، صوبائي نائب صدر مولانا محمد ظاهر شاهہ، تحصيل صدر پائي عبدالسميع شاهہ حيدري ۽ ضلعي جوائنٽ سيڪريٽري مفتي ابو طلحہ حنفي ۽ ٻيا ڪارڪن وڏي انگ ۾ موجود هئا.

بقايا 14

محروم، شهري ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جي لهر چيف جسٽس آف سنڌ هائي ڪورٽ سميت ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو سلسلي ۾ سڪر انتظاميہ، جونڊيل نمائندن جي لاپرواهي ۽ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن جي غفلت ۽ لاپرواهي سبب سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر جي 27 لک کان وڌيڪ آبادي اڄ ب صاف پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهي. شهرين کي سنڌو درياهہ مان واٽر ورڪس ذريعي جيڪو پاڻي مهيا ڪيو پيو وڃي اهو به آلودگي ۽ بدبوءِ سان ڀريل آهي جيڪو انساني صحت لاءِ نهايت نقصانڪار آهي. اهڙي پاڻي جي استعمال سان گيسٽرو سميت پيٽ جون ٻيون بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن ڪجهه سال اڳ سکر شهر سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ وڏي رقم خرچ ڪري فلٽر پلانٽ لڳايا ويا هئا، جيڪي هاڻي مڪمل طور تي ناڪارہ ۽ بند پيل آهن. حڪومت ۽ انتظاميہ جي ٿوري توجهہ نہ سنجيدگي سان اهي فلٽر پلانٽ بيهر هلائي سگهجن ٿا، جنهن سان عوام خاص ڪري غريب ماڻهن کي صاف پيئڻ جو پاڻي خريد ڪرڻ جي تڪليف کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو سابق ضلعي حڪومت ۽ بلدياتي دور ۾ تعمير ڪيل اهي فلٽرپلانٽ ٿورو عرصو هلڻ کان پوءِ ئي خراب ٿي ويا هئا، جن جي مرمت لاءِ ڪيترائي سال گذرڻ باوجود اڄا تائين ڪو ب قدم نہ کنيو ويو آهي. شڪايتن باوجود موجوده حڪومت، سکر انتظاميہ ۽ چونڊيل نمائندن ب انهن فلٽر پلانٽن کي ٻيهر فعال ڪرڻ لاءِ ڪا ب سنجيده ڪوشش ناهي ڪئي جنهن سبب ضلعي ۾ منرل واٽر جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو آهي. شهري ۽ سماجي حلقن چيف جسٽس آف سنڌ هائي ڪورٽ سميت اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته ڇاڻايل عمل جو فوري طور نوٽيس وٺي، عوام کي صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي.

بقايا 15

وارداتون ڪري فرار ٿي ويا ڦرجي وارداتجا سي سي ٽي وي فوٽيجز ب هٿ ڪيا ويا آهن فوٽيجز ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڦورو پسٽل سان سرعام واپاري جي دڪان تان ڦر جي وارادات ڪري رهيا آهن ۽ موٽرسائيڪل ڦر ڪري رهيا آهن پٽ شاهہ ٿاڻي جي حد ڪندورود مين بس اسٽاپ پوليس چيڪ پوسٽ جي پرسان ڪريانہ جو دڪان هلائيندڙ هريش ڪمار ولد ڪيسومل کان نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زور تي هڪ عدد موبائل سيٽ ڪيش پئسا ۽ واٺهو وقار ساهووال کان 2020 ماڊل سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري آرام سان فرار ٿي ويا ان باري ۾ دڪاندار هريش ولد ڪيسو مل جو چوڻ آهي تہ آئون پنهنجي دڪان تي ويٺو هئس تہ نامعلوم ٻٽ ٻڌل ماڻهو دڪان تي آيا ۽ هٿيارن جي زور تي مون کان موبائل سيٽ ۽ ڪيسي ۾ پيل ٻٽون پرس جنهن ۾ تقريبن 2 کان 3 هزار روپيا هوندا ڦر ڪري ويا ۽ دڪان کان ٻاهر هڪ واٺهو وقار ساهووال کان موٽرسائيڪل به ڦر ڪري ويا آهن واقعي بعد دڪاندار ۽ علائقي واسي وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا اطلاع تي پٽ شاهہ پوليس پڻ واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن تہ دڪان ۾ لڳل سي سي ٽي وي فوٽيجز ۾ واضح طور ڏسي سگهجي ٿو تہ ٻٽ ٻڌل ڦورو هٿيارن جي زور تي دڪاندار کان پئسا ۽ موبائل ۽ دڪان کان ٻاهر هڪ واٺهو وقار ساهووال کان موٽرسائيڪل ب ڦر ڪري رهيا آهن متاثر واپاري هريش ڪمار ۽ ڳوٺائي وقار ساهووال جو چوڻ آهي تہ ڏينهن ڏٺي جو ب پنهنجي دڪان ۽ شهر ۾ محفوظ نہ آهيون اعلا اختيارين نوٽيس وٺي ۽ جوابدارن کي سوگهو ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي، آخري اطلاعن تائين پٽ شاهہ ٿاڻي تي ڪو ڪيس ب داخل ٿي نہ سگهيو

بقايا 16

ملڪ ۽ تنيا برادري ۾ جهيڙي دوران جتوئي برادري جو هڪ چٺو قتل واري مامري جو فيصلو تمندار صدا حسين چانڊيو جي سرپرستي ۾ هڪ جرگو ٿيو فيصلي ۾ مشيرن سيٺ جلال چانڊيو پيو مشير قربان علي چانڊيو ٿيو جڏهن ٻن ڌرين محمد علي تنيو ۽ فوتي جي وارثن جو فيصلو ٿيو جنهن ۾ فيصلي جي امين ٻنهي ڌرين جو ڳالهيون ٻڌي شورم جي مالڪ محمد علي تنيو کي ڏوهي قرار ڪندي 23 لک ڏنڊ ۽ شهزور گاڏي جتوئي برادري کي ڏئي ويندي پئسا قسطن ۾ ادا ڪيا ويندا ڌرين فيصلو ٻڌي قبول ڪيو سندن کي پاڪ پارٽي ڪير ڪيو ويو.

بقايا 17

مرزا جو بدين جي ساحلي پٽي ۾ وڏي عوامي ميڙ کي خطاب تفصيل موجب سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ جي ڊي اي طرفان بدين جي ساحلي پٽي جي علائقي احمد راجو جي ڳوٺ 84 جي ڳوٺ آچار راجو ۾ وڏي احتجاجي جلسي کي خطاب ڪندي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ سيد زين شاهہ جي ڊي اي اڳواڻ بئريسٽر حسنين مرزا ايس يو پي جي نائب صدر ايڊووڪيٽ امير آزاد پنهور مرڪزي اڳواڻ روشن برڙو ۽ ٻين چيو آهي تہ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون زمينون غير قانوني طريقي سان ٻاهرين ماڻهن ۽ ٺيڪيدارن کي الاٽ ڪيو ويو آهي سنڌ جي عوام اهڙي وفاقي ۽ صوبائي فيصلي کي ڪڏهن ب قبول نہ ڪندو سنڌ جي زمينن درياءُ ۽ معدني وسيلن جي مالڪ سنڌي آهن جلسي کي خطاب ڪندي ايس يو پي اڳواڻ سيد زين شاهہ چيو تہ ملڪ جي 48 لک ايڪڙ زمين حڪومت ڪمپنين کي ڏئي سنڌ جي حق تي ڌاڙو هڻي رهي آهي جنهن مان 13 لک ايڪڙ زمين سنڌ جي آهي پيپلز پارٽي حڪومت صدر آصف زرداري جي چوڻ تي اقتدار حاصل ڪرڻ سنڌ جي زمينن ۽ درياءَ جو پاڻي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي انهن ظالمن ڪان ڪان ذري ذري جو حساب وٺڻ جو وقت اچي ويو آهي سيد زين شاهہ احمد راجو سميت سموري سنڌ جي ڪي يقين ڏياريو ڪرائيندي چيو تہ سنڌ جون زمينون ۽ پاڻي هرگز ڪنهن بہ صورت ڪمپني سرڪار کي نہ ڏيڻيون ويندريون سنڌ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ آهي بدين جي ساحلي پٽي ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب ڏڪار واري صورتحال آهي هتي جا ماڻهو لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور آهن پيئڻ جي پاڻي لاءِ ماڻهو پريشان آهن هنن حڪمرانن کي سنڌ جي اصل رهواسين جو ڪو به احساس ناهي جي ڊي اي اڳواڻ صوبائي وزير حسنين مرزا چيو تہ فارم 47 ذريعي سنڌ تي قبضو ڪري ويٺل سنڌ جي غدارن سنڌ جون زمينون وڪڻي ڇڏيو آهن اهي زمينون سنڌ جي ماڻهن جي ملڪيتون آهن انهن تي ڪنهن جو قبضو برداشت نہ ڪنيدو عوام دشمن حڪمرانن جي غلط پاليسين ۽ منصوبين جي ڪري عوام بک بدحالي جو شڪار بڻجي ويو آهي مهانگائي بيروزگاري سبب سنڌ جا ماڻهو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن ظالم حڪمران عوام ڪان جيئڻ جو حق به ڪسي ورتو آهي ايس يو پي جي امير آزاد چيو تہ ڪرپٽ پاڪستان جي نالي تي سنڌ جي ماڻهن سان تاريخي دوکو ڪيو پيو وڃي اهڙي عوام دشمن پاليسي عوام دشمني جو بدترين مثال آهي درياءُ وڪڻي سنڌ سڪائڻ جي سازش ڪڏهن ب ڪامياب ٿيڻ نہ ڏبي ايس يو پي جي سينئر نائب صدر روشن برڙو اعلان ڪندي چيو تہ سنڌ جي زمينن جي نيلامي خلاف بدين جي ساحلي پٽي احمد راجو کان احتجاجي تحريڪ جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي هر ضلعي هر ڳوٺ واهڻ وستي م قبضو خور سنڌ جي غدار حڪمران خلاف احتجاج جاري رکندو عوامي جلسي کي دلبر خواجہ امير بخش ٿيبو حيدر شاهہ مهر الدين مري عبدالخالق راجو دانش سومرو جمن راجو غلام رسول جت ۽ ٻين اڳواڻن ب خطاب ڪيو ان کان سيد زين شاهہ جي ريلي تي گولاڙجي ڪوراهہ ۽ تنين وڏن

جي ذريعي هلائي پيش ڪيو ويو. جنهن تي پنڌال ۾ ويٺل سمورن اديبن، شاعرن ۽ ساجهاهہ وٺدن ماڻهن اٿي بيهي ساڳيو گيت جهونگاري سنڌو درياهہ کي پيتا پيش ڪئي. ان کان پوءِ شيراز عباسي شاهہ لطيف ڪافي ڳائي پروگرام کي سونهن بخشي. ان کان اڳ مظهر گاڏهي ليڪچرڪار کي اجرڪ جو تحفو بہ پيش ڪيو. ان موقعي تي چار قراردادون پيش ڪيون ويون جن مان سنڌو درياهہ تي ٺهندڙ سمورا ڪئنال نامنظور، ڪارپوريٽ فارمنگ جي آڙ ۾ سنڌ جون زمينون ڌاريڻ کي ڏيڻ جي عمل کي ننديو ويو ۽ گهر ڪئي وئي تہ ڌارين کي ڏنل زمينون واپس ڪيون وڃن. ڪجهہ سال اڳ موهن جي دڙي مان چاليهہ مهرون ڇوريل هڪ دم واپس ڪيون وڃن. سنڌي ٻولي کي سنڌ جي خانگي اسڪولن ۽ ديني مدرسن ۾ بہ عام ڪيو وڃي اتي به شاگردن کي سنڌي ٻولي ۽ تعليم ڏني وڃي. ليڪچر پروگرام ۾ امان الله شيخ، ڊاڪٽر بدر ڌامراهو، خليق ميمڻ، منظور آزاد شيخ، محبوب چانڊيو خالد انصاري، آغا سهراب ميراڻي، رضا برڙو، سراج ڪلهوڙو، فقير محمد سنڌي، صديق سومرو، رضا برڙو، تشڪيل ميرپحر، قربان جتوئي، عبدالهادي بگٽي، فدا ملاڻي، مختيار جاگيراڻي، محبوب چانڊيو حنيف سولنگي، حيدار ٿوٽائي، جاويد پنهل، شهمير سومرو، سميع ميمڻ، ارشد لند، فهد ڪوراني، عامر جوڻيجو، غلام رسول چانڊيو، تنگر سومري سميت ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ ساجهاهہ وٺدن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام جي ڪاروائي نوجوان ليڪ دانش ترڪ هلائي.

شهرن ۾ شاندار استقبال ڪيو ويو هر هنڌ گلن جي ورکا ڪئي وئي

بقايا 18

ٽن هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي سندس ڪان موٽرسائيڪل ڦر ڪئي ڦورون جوبيچو ڪندا ميهڙ ڪورٽ پرسان هٿيارٻندن ڦورن سان مزاحمت ڪندي ڊوڙائي ڊوڙائي پڻ ڦورن کي پڪڙي ورتو سخت مزاحمت بعد هڪ ڦورو فرار ٿي هڪ ڦورو سرفراز ڏيهر ويٺل حسين ڏيهر کي پسٽل سميت پڪڙي ميهڙ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي ميهڙ پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ٻئي طرف ايس ايچ او ميهڙ سيد علي اصغر شاهہ ڦورن سان مزاحمت ڪري پڪوئيندڙ اعجاز چانڊيو حسنين چانڊيو کي پاڪر پائي شاباش ڏني.

بقايا 19

ٿيل لاش هٿ آيو آهي. اطلاع تي وارث ۽ سينارجا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ميرواهہ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻڌايو ويو آهي تہ 3 ڏينهن اڳ نوجوان پرويز سهتو زمين تي پاڻي جي واري تي ويجهڻ دوران گم ٿي ويو هو جنهن کي وارثن پاران ڪافي تلاش ڪيو ويو ۽ سينارجا ٿاڻي تي سندس مبينا اغوا جي اين سي داخل ڪرائي وئي هئي جنهن بعد اڄ سندس لاش هٿ آيو آهي جنهن لاءِ وارثن پاران الزام لڳايو پيو وڃي تہ ڪيس قتل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ واقعي جي اڄان تائين ڪيس داخل نہ ٿيو آهي. جڏهن تہ سينارجا پوليس موجب گم ٿيل نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي جنهن واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 20

جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو خاص طور تي ڳوٺ ڏوڏي جو واڊيڊس سڪول ڪاروڙي اوڻ جو واڊيو سميت ڪيترن ئي اسڪولن ۾ شاندار تقريبون ۽ سرگرميون منعقد ٿيون ان موقعي تي شاگردن، استادن، والدين ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ پاڪ فوج، ملڪ جي سلامتي ۽ يڪجهتي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون مختلف اسڪولن مان نڪتل ريلين ۾ شاگردن قومي جهنڊن، بينرن ۽ تعريبازي سان حب الوطني جو شاندار اظهار ڪيو تقريبن ۾ سياسي اڳواڻن، سماجي ڪارڪنن، مقامي معزز ڳوٺاڻن ۽ عورتن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مهمانن پنهنجي تقريرن ۾ پاڪ فوج جي قربانين کي پيٽا پيش ڪئي، ۽ نوجوانن کي ملڪ جي ترقي، امن ۽ يڪجهتي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي تلقين ڪئي. شرڪت ڪندڙن ملڪ سان وفاداري ۽ پاڪ فوج سان گڏ بيهڻ جو اظهار ڪيو "يوم تشڪر" جون تقريبون نہ رڳو حب الوطني جذبي کي تازو ڪرڻ جو ذريعو بڻيون، پر شاگردن جي ذهني واڌاري، قومي شعور جي افزائش ۽ سماجي يڪجهتي جي فروغ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو.

بقايا 21

جيڪا چانڊيا پيٽرول پمپ کان شروع ٿي مختلف رستن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهچي جتي ضلعي اڳواڻ زيب سنڌي، جاويد عمراڻي، حسين چانڊيو، رانجها علي ڪيريو، برڪت جلباڻي، شيراز شاهہ ۽ ٻين الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو تہ ٽي 3 مهينا اڳ قومي ڪارڪن ساگر ملاح ۽ امتياز پٽي کي ڪنهي گم ڪرڻ ڪانپو سندن ڪو ڏس پتو ناهي جڏهن تہ مٿن ڪنهن بہ قسم جو ڪوب الزام يا ڪيس بہ ناهي ان جي باوجود کين ظاهر نٿو ڪيو وڃي جنهن تي سندن گهر ڀاتي سخت پريشان آهن هنن اقوام متحده سميت انسانيت جي عالمي ادارن کي اپيل ڪئي تہ هو ڇاڻايل معاملي جو نوٽيس وٺڻ مظاهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ قومي ڪارڪنن کي فورن آزاد ڪيو وڃي جيڪڏهن مٿن ڪو ڪيس آهي تہ اهي عدالتن ۾ ظاهر ڪيا وڃن

بقايا 22

شعبي جي سهڪار سان نامياري آرڪيالاجسٽ پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شر سان "سنڌو تهذيب جو عروج ۽ زوال سبب ۽ اثر" جي موضوع تي ليڪچر پروگرام ٿيو ان موقعي تي ليڪچرڪار ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شر موهن جي دڙي تي ڳالهائيندي چيو تہ موهن جي دڙي مان ڪيترائي جنگي هٿيار مليا آهن. موهن جي دڙي جا ڇهہ لک نوادرات ڪجي ويا آهن هڙ وقت موهن جي دڙي جي کوٽائي مان نڪتل پنج سيڪڙو سامان بہ ڪونهي، هتان 35 ڪلوگرام سون جا گهڻا مليا ها ۽ اٺيڪ مهرون به مليون هيون، جن مان چاليهہ قيمتي مهرون به چوري ڪيون ويون آهن. ماهرن جو چوڻ آهي تہ موهن جي دڙي جي ٻولي ۽ مان اسين پنهنجي انگريزي الفابيٽ جا اٺ اکر ورتا آهن. هن وقت موهن جي دڙي جي رهيل کوٽائي لاءِ يونيسڪو پابندي مڙهي ڇڏي آهي ڇاڪاڻ تہ سندن چوڻ آهي تہ هتان مليل شين جي حفاظت نٿا ڪري سگهو. هن چيو تہ پوءِ وڌيڪ دڙي کي ڇوٽا ڪوٽايو. هن چيو تہ موهن جي دڙي کان اڳ ب سنڌ سپرپاور هئي. سنڌو درياهہ جي ڪپن تي ٺهيل جيڪي بہ آباديون آهن. اهي پندرهن سئو ۽ سورهن سئو قبل مسيح کان ب اڳ جون آهن. انهن تهذيبن مان ٻولين جا نشان به مليا آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ ٻولي ذڪر ڪيل دئور کان جي موجود هئي. هن سنڌو درياهہ بابت ڳالهائيندي چيو تہ سنڌو درياهہ جڏهن هماليا کان پاڻي کڻي تيزيءَ سان پنجاب جي شهر مٺڻ ڪوٽ وٽ پهچي ٿو تہ اتي آهستي ٿيو وڃي ڇاڪاڻ تہ سنڌو درياهہ ت ڪٺي اچي ٿو سنڌو درياهہ هڪ ڏينهن ۾ ڏهہ لک مڏ لٽ ڪٺي ايندڙ آهي. هن وري موهن جي دڙي بابت ڳالهائيندي چيو تہ موهن جي دڙي مان اهڙا گهر به لڌا ويا آهن جيڪي ڇهہ ڪان ڇتيهہ ڪمرن تي مشتمل آهن. ان کان سواءِ موهن جي دڙي مان سورهن سئو مهرون مليون آهن اهي ظاهر ڪن ٿيون تہ هتي سورهن سئو قسمن جا واپاري هئا. هن هٿرمندن جون خاص جايون پڻ مليون آهن. هن درياهہ بابت ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ مان اڳ بہ درياهہ رهندڙ هئا، هڪ هاڪڙو درياهہ ۽ ٻيو سنڌو درياهہ. تحقيق مان خبر پئي آهي تہ هاڪڙو درياهہ پنجاب جي جمنا ۽ ستلج درياهہ ۾ وهائي ٿو جو سنڌ ڏانهن رخ مٽيو ويو آهي، هيٺر سنڌو درياهہ کي بہ ونگ وجهي ان جي پاڻي کي روڪڻ لاءِ سازشا ٿي رهيا آهن اهڙي سبب آهي هن وقت سنڌ ۾ هاڪڙي درياهہ جو ڪو وجود ئي نٿو ملي. هن پنهنجي ليڪچر وڌيڪ چيو تہ مهراڻ جو مطلب "جنڊ" ب آهي. اصل ۾ موهن جي دڙي مان جيڪا ڊانسنگ گرل جي مورتي ملي هئي اها فقط چار انچ هئي. هاڻي ان جو وڏو مجسمو ٺاهيو ويو آهي. موهن جي دڙي مان جنگي سامان جهڙوڪ ڪهاڙيون، پالا ۽ ٻيون شيون مليون آهن. هن چيو تہ لاڙڪاڻي جي ويجهڙ جهڪر جو دڙو موهن جي دڙي کان ب ٻه هزار سال اڳ جو آهي. آخر ۾ هن چيو تہ موهن جي دڙي مان جيڪا لٽيلاڻ ٿي انهن ماڻهن لاڙڪاڻو شهر آباد ڪيو ۽ هڙپا جا ماڻهو ٻي پلاڻ ٿي انهن ماڻهن لاهور شهر کي آباد ڪيو ان کان اڳ ميزبان شاخ سيڪريٽري عيسيٰ ميمڻ ڳالهائيندي چيو تہ هن وقت سنڌ جنگي حالت ۾ آهي اسان کي پنهنجي ٻولي ب کسي وڃي آهي ايتري قدر جو اسان جا چونڊيل اسيمبلي ميمبر اسيمبلين ۾ سنڌي ۾ ڳالهائڻ کان شرم محسوس ڪن ٿا. اسان جا سمنڊ، ٻيٽ، جنگ، جبل ۽ سنڌ جون زمينون کپايون پيون آهن جنهن تي چپ رهي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن سنڌ ۽ سنڌو درياهہ هوندو تہ اسين ب هونداسين پر جيڪڏهن اهي اسان جي هٿن مان نڪري ويا تہ اسان جو وجود ب ختم ٿي ويندو ليڪچر کان پوءِ سوالن جوابن جو وقفو ٿيو جنهن ۾ ڏهہ کان وڌيڪ شرڪت ڪندڙن ليڪچرار کان سوال ڪيا، جن جا مطمئن ڪندڙ جواب ڏنا ويا. ليڪچر کان اڳ سنڌو درياهہ جو ٻيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مختصر مشاعري جي محفل ٿي، جنهن ۾ استاد گل دايو ڪامل امداد جتوئي، استاد راهي سومرو، سميع ساجد جوڻيجو، غلام حسين ڪپن اشفاق چانڊيو ۽ اوشاق آگاڻي پنهنجي شاعري ذريعي سنڌو کي پيٽا پيش ڪئي. ليڪچر کان اڳ ليڪچرڪار کي بقاءِ الله بوزدار اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ۽ روشن ٽوٽاڻي ڪيس ادبي لاٽ ميگزين جي تحفا ڏنا. ان سمورو هٺور کان اڳ مشهور گيت "سنڌ ب رهندي سنڌي رهندا، جڳ جڳ جيئندو رهندي سنڌو وهندو رهندو" ايڪو سائونڊ

بقايا 23

جو 30 سالا نوجوان فرزند الطاف حسين جتو ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي اين آئي سي وي ڊي اسپتال ۾ لاڏانو ڪري ويو سندس لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر اندر ڪهرام مچي ويو نوجوان جي اڻ مندائتي موت تي علائقي ۾ سوڳ واري حالت هرا ڪ آئي مرحوم جي جنازي نماز سڳيون پرسان مشهور درگاهہ ميان فيض محمد فقير جي لوڙهي ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن، صحافين، شهرين ۽ عزيزن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بعد ڪيس جنهن بعد کيس سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس پوئيترين سان سڳيون پرسان ڳوٺ سيد وريل شاهہ ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 24

ڊاڪٽر ٽيم حڪيم ۽ سيڪوات ڪمپائونڊرن مختلف ڳالن سان ڌڪائن آڏو وڏا بورڊ هڻي ڪيترن ئي ماڻهن کي مختلف بيمارين جا پڻ ڏيئي خارج دوائون ڪرائي وڃائي بيمارين م وڪوڙي ڇڏيو شهر جي سڄاڻ اڳواڻن معزز ڳوٺاڻن توڙي علائقي جي سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن سنڌ حڪومت خاص ڪري هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي تہ پنوعاقل ۽ ڀرپاسي م مڊي خارج ۽ بہ نمبر دوائون ڪپائي ماڻهن کي بيماري هڪ تہ دوائون هيون ڏئي ڪيترن ئي موذي مرضن م ڦاسائي لکين روپيا هرجي ڪرائيندڙ عطائي ڊاڪٽرن ٽيم حڪيمن ۽ سيڪوات ڪمپائونڊرن جي هنروادو ٿالن سان هلندڙ دڪانن ڪلينڪن کي سيل ڪري کين قانون موجب جيل امائيو وڃي تہ جيئن ماڻهو موذي مرضن ۽ ٻين بيمارين کان بچي سگهن.

بقايا 25

خريد و فروخت شروع، طلب ۽ اڳهن ۾ واڌ ان سلسلي ۾ ملڪ جي ٻين شهرن واڱر سکر ۾ ب ميون جو بادشاهہ انب مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ اچي ويو آهي. سنڌ جي سڀ کان مشهور قسم جو "سنڌڙي" سميت ٻين انبن جي خريد و فروخت شروع ٿي وئي آهي. انب جي مارڪيٽ ۾ اچڻ سان ئي ان جي قيمتن ۾ ب واڌ اچي وئي آهي، جنهن سبب اهو عام صارف جي خريداري قوت کان ٻاهر ٿيندو پيو وڃي. شهر جي مختلف علائقن، رستن ۽ هنڌن تي انب جي مختلف قسمن جي وڏي مقدار ۾ وڪري ٿي رهيا آهن. جڏهن تہ ڏيلرن خريد ۽ فروخت لاءِ رٿابندي ب شروع ڪري ڇڏي آهي. ماهرن جي مطابق، انب نہ صرف دل جي بيمارين لاءِ فائديمند آهي پر معدي جي بيمارين کي ب ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو انب جي لڳ ڀڳ 26 قسمون موجود آهن ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پاڪستاني انب کي خاص اهميت حاصل آهي، جنهن جي وڏي طلب پڻ آهي.

بقايا 26

ڪٽي تعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ذوالفقار بروهي، اڪرامر، منٺل بلوچ، ساحل گدا حسين، علي بلوچ، مختيار ڪلهوڙو سڪندر چانڊيو ظفر مغيري، منظور ڪلهوڙو مرتضيٰ ڪوراڻي ۽ ٻين چيو تہ ملڪ مٿان سيلين جي حڪومت قائم آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هرپليسي مزدور دشمني تي ٻڌل آهي. هنن چيو تہ پينشن سڌارن جي آڙ ۾ رٽائرڊ مزدورن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي تہ وري ٻئي پاسي مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت تي سرڪاري ادارن ۾ عمل نہ ٿو ڪيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو تہ ملڪ جي سرمائيدارن جي نمائندا حڪمران عوامي ادارا خانگائي عوام سان دشمني ڪئي آهي. جڏهن تہ هڪ طرف پرائيويٽائيزيشن کي هٿي ڏئي ڇئي وڃي تہ ٻي طرف ٺيڪيداري نظام لاڳو ڪري مزدورن کي پنهنجي جائز حقن کان محروم رکيو پيو وڃي. هنن چيو تہ هن وقت ملڪ ۾ مهانگائي جوٽ چڙهيل آهي جڏهن تہ رٽائرڊ ورڪرز جي پينشن ۽ اضافو ڪرڻ بجاءِ پينشن سڌارن جي آڙ ۾ کين پينشن کان محروم ڪرڻ سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي. هنن چيو تہ اسيمبلي ۾ ويٺل سرمائيدار ۽ جاگيردار پنهنجيون مراعتون مائي رهيا آهن. جڏهن تہ مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت تي بہ عمل نہ ٿو ڪيو وڃي. اهڙي عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي گهرڻا ڪريون تہ مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ 60 هزار اجرت مقرر ڪري ڪين اي او بي آءِ اداري پاران ملندڙ پينشن وڌائي 30 هزار ڪئي وڃي ۽ ورڪرز ويلفيئر فنڊ ۾ پورهيتن جي نياڻي جي ڏاڄ جي رقم 4 لک ۽ ڏيٿ گرانٽ 10 لک مقرر ڪئي وڃي. جڏهن تہ مهانگائي تي ضابطو آڻي مزدورن کي رليف مهيا ڪرڻ سان گڏ ادارن کي خانگائي ۽ ٺيڪيداري نظام جوخاتمو آڻي غير پيداوار خرچ جهڙوڪ جعن، ڪامورن، اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻين کي مليل مراعتن کي گهٽائي انهن جي برابر مزدورن کي ب مراعتون ڏنيون وڃن

بقايا 27

شاهہ رخ انور سيال ٿاڻون جي مختلف يوسيز سان واسطو رکندڙ غريب شهرين ۾ سولر پليٽون، بئٽري ۽ سولر پڪا ورهايا. ٻئي پاسي چيئرمين شاهہ رخ انور سيال جيلس بازار جو دورو ڪري صدر جيلس بازار مرچنٽ ايسوسيئيشن مسعود احمد شيخ سميت ٻين واپارين سان ملاقات ڪري مسئلا معلوم ڪيا جنهن تي واپارين بجلي لوڊشيڊنگ، ناڪاره ڊرينيج نظام، روڊن جي صفائي سٿرائي ۽ سيڪيورٽي سميت ٻين مسئلن بابت آگاهي ڏني جنهن تي چيئرمين کين مسئلا ڪرائڻ جي خاطري پڻ ڪرائي. ان موقعي تي چيئرمين شاهہ رخ انور خان سيال چيو تہ واپاري برادري جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا ان لاءِ لاڳاپيل ادارن کي هدايتون جاري ڪيون تہ هو جيلس بازار ۾ صفائي سٿرائي، روشني جو مناسب بندوبست ڪري جيلس بازار کي بهتر بڻائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن. هن چيو تہ واپاري برادري شهري معيشت ۾ ريڙهہ جي هڏي آهي، انهن جا مسئلا حل ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي، شهري ترقي ۾ واپارين جو پرپور ساٿ هجڻ لازمي آهي.

بقايا 28

ڪامرس اينڊ انڊسٽري طرفان صدر خير محمد شيخ جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي طور ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پاڪستاني چوڪ تي پهتي جتي هنن هٿن ۾ قومي جهنڊا ۽ بئنر کڻي پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج زنده باد، مودي سرڪاري مرده باد جا نعرا پڻ هنيا. ريلي کي خطاب ڪندي صدر خير محمد شيخ، سينئر نائب صدر هريش لال، نائب صدر جمال مصطفيٰ، حاجي محمد علي

شيخ، محمد اسلم شيخ، حافظ محمد سليمان، احمد علي، ٽول راءِ، مسعود احمد شيخ، عبداللطيف شيخ، عطا حسين ڪچي، مهيش ڪمار رسول بخش، علي رضا ڪوڪر، تعيم علي مهر، حفيظ دلبر شيخ، شاهزيب سرهيو ثناءالله شيخ، ظهير احمد ناريجو ۽ ٻين واپارين چيو تہ اسان پاڪ فوج سان گڏ آهيون جن انڊيا جي آرمي کي شڪست ڏني ۽ مودي کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو. هنن چيو تہ اسين واپاري برادري حب الوطني جي اظهار طور يوم تشڪر ملهائي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. اسان جي بهادر فوجن پنهنجي بهادريءَ سان پاڪستان جو دفاع ڪيو ۽ پاڪستان کي عظيم ڪاميابي ڏياري جن تي اسان کي فخر آهي. پاڪ فوج دنيا ۽ مودي کي ڏيکاري ڇڏيو تہ اسين دنيا جي مضبوط قوم آهيون.

بقايا 29

روشن العلوم جي مهتمر ۽ مدرس علامہ حافظ تاج محمد راهو 65 سالن جي ڄمار م اچانڪ دل جي دوروپوڻ سبب وفات ڪري ويو اهڙي اطلاع ملندي ئي سڄي علائقي م سوڳ ڇانئجي ويو علامہ حافظ تاج محمد راهو تقريبا 30 سالن کان نواب ولي محمد شهر جي جامع مسجد جا خطيب ۽ پيش امام رهيا ۽ مدرسہ عربيہ روشن العلوم جي مهتمر ۽ مدرس رهيا سندس مدرسي مان ڪيترا شاگرد پڙهي حافظ ۽ عالم ٿي سنڌ جي مختلف علائقن جي مسجدن جا خطيب ۽ پيش امام آهن حافظ تاج محمد راهو عربي ٽيچر ب رهيو

بقايا 30

علي لغاري پاران اعلائيل انرولسمينٽ ڊرائيو جي سلسلي ۾ ڳوٺ حاجي نصر الله خاصخيلي ۾ اويئرنيس گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جتي علائقي واسين کي تعليم جي اهميت بابت آگاهي فراهم ڪئي وئي. پروگرام ۾ علائقي واسين شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ لالا ارشد خاصخيلي ڳالهائيندي چيو تہ تعليم کان سواءِ ڪو ب سماج ترقي نٿو ڪري سگهي. اڄ جي دور ۾ تعليم ئي واحد رستو آهي جيڪو نوجوانن کي روشن مستقبل ڏياري سگهي ٿو ۽ هن والدين تي زور ڏيندي چيو تہ هو پنهنجي ٻارن، خاص طور نياڻين کي اسڪول موڪلڻ جو پابند بڻائين. جيئڻ اهي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ۽ سماج جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن علائقي واسين جي بهتري ۽ ٻارن کي تعليم جي زيور سان سنوارڻ لاءِ منتها پبلڪ هاءِ اسڪول جو قيام بہ تعليم جي ترقي جي هڪ ڪڙي آهي جتي شاگردن کي مفت معياري تعليم سان گڏ هنر سيکارڻ تي پڻ خاص توجهہ ڏنو وڃي ٿو خان محمد مري پڻ تعليم جي اهميت تي روشني وجهندي چيو تہ اسڪول داخلا مهم جو مقصد آهي تہ هر ٻار اسڪول وڃي ۽ ڪابہ نياڻي تعليم کان محروم نہ رهي. پروگرام ۾ ٻچائي تي تعليم جي فروغ لاءِ عزم جو اظهار پڻ ڪيو ويو آخر ۾ هيڊ ماستر امجد علي چانڊيو آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 31

جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ثابين پيرسن بنگل ڪورڪائي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ 15 سال اڳ منهنجي شادي تعلقي گمبٽ ڪهڙا جي ڳوٺ وڏ پگيا جي رهواسي مولا بخش جي ڌي طلاقيل نياڻي خورشيد خاتون سان 50 هزار روپين عيوض ٿي هئي، جڏهن ته شادي ڪان پوءِ مان سير سفر ڪري پاڻ سميت گهرواري جو پيٽ گذر ڪندو هيس هن الزام لڳايو تہ 3 مهينا اڳ منهنجي بااثر سالن عبدالرشيد رند، جهان خان ۽ شهزادو رند بنا جواز منهنجي گهرواري کي ورغلائي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو آهي، جنهن تي مون ڪيترائي ڀيرا نياڻين سالن کري گهرواري جي واپسي لاءِ ميڙ ڪري سالن وٽ ويو آهيان، پر تنهن باوجود بااثرن منهنجي هڪ نہ ٻڌي، ويتر هو موٽڪي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر سالن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ موکي پنهنجي گهرواري واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 32

۽ دعا بعد جمعيت علماء اسلام تعلقہ هالا جي امير حاجي صاحب ڏنو ورياهہ، جنرل سيڪريٽري الهڏنو سومرو، پٽ شاهہ سٽي جي نائب امير محمد سرور راجپوت، پريس ترجمان مسعود اسد کهڙو تعلقي هالا جي نائب امير مولانا عبدالجبار لاکو علي رضا رند ۽ ٻين شاهہ لطيف پريس ڪلب تي پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ڏڪئي صورتحال ۾ جي يو آئي سميت ملڪ جو عوام پنهنجي پاڪ فوج ۽ ملڪ سان گڏ آهي پاڪ فوج دشمن ملڪ پارت کي ڀرپور جواب ڏيئي شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي آهي جنهن تي سموري عوام کي فخر آهي. هنن چيو تہ جي يو آئي پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي چاهي ٿي. ڪئنال منصوبو سنڌ ڌرتي تي وار آهي ان کي ڪنهن ب صورت ۾ قبول نہ ڪنداسين. پارٽي جي تنظيم سازي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي جي يو آئي جي تنظيم سازي کي جهر جهنگ پهچايو ويندو. ان موقعي تي پاڪستان جي حق م نعري بازي ڪري ملڪ پاڪستان، پاڪستاني فوج سميت پوري امت مسلمہ لاءِ دعا پڻ ڪئي وئي.

بقايا 33

وارثن ڪان پئسا وٺڻ جي ڏوهہ ۾ جروار ٿاڻي جو ٿنڊو منشي اسد قاضي معطل تفصيل موجب جروار ۾ 26 ڏينهن اڳ ۾ قتل ٿيل نوجوان تويد چنو جي قتل ڪيس ۾ جوابدارن کي سپورٽ ڪرڻ تي ايس ايس پي گهوٽڪي مقتول جي وارثن جي شڪايت تي جروار ٿاڻي جي ٿنڊي منشي اسد قاضي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان مقتول جي وارثن ايس ايس پي گهوٽڪي کي شڪايت ڪئي هئي تہ تويد چنو قتل ڪيس ۾ جوابدار پوليس اهلڪار اريبلو گهوٽڪو کي بچائڻ لاءِ ٿنڊو منشي اسد قاضي ملوث آهي ۽ هو اسان کان ڪيس تيار ڪرڻ ۽ چالان ڪرڻ جا هزارين روپيہ ورتا اٿس جنهن تي ايس ايس پي گهوٽڪي نوٽيس وٺندي جروار ٿاڻي جي ٿنڊي منشي اسد قاضي کي سزا طور معطل ڪري ڇڏيو

بقايا 34

طرفان بااثر مائٽن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت محمد مدثر پٽو ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ مان اصل تعلقي سجاول جوڻيجو جي ڳوٺ محمود آباد جو رهواسي آهيان، جڏهن تہ سال اڳ مائٽن جي ناجائزين کان تنگ ٿي اتان لڏ پلاڻ ڪري لاڙڪاڻي ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي. هن الزام لڳايو تہ منهنجي بااثر مارون مهتاب پٽو جا منهنجي گهرواري مسمات مبين خاتون سان ناجائز تعلقات هئا، جنهن سبب مان هن کان علحدگي اختيار ڪري ڇڏي آهي جڏهن تہ هفتو اڳ مان پنهنجي ڳوٺ ڪڻڪ جو فصل ڪٽڻ ويو هيس، جتي ڇاڻايل بااثر مهتاب پٽو پنهنجي والد شبير پٽو پائرن آفتاب، مبشر پٽو ۽ ٻين سان گڏجي مون مٿان حملو ڪري وحشياڻو تشدد ڪيو اهڙي شڪايت مان ايس ايس پي آفيس قمبر شهدادڪوٽ سميت حد جي ٿاڻي سجاول تي ڏني آهي، پر پوليس بااثرن خلاف ڪابہ ڪارروائي نہ ڪئي، ويتر بااثر موٽڪي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر مائٽن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 35

۽ ارشد آرائين جن ٻڌايو ت اسان پاڙي ۾ ڦل شريف تي ويل هياسين ت اوچتو باهہ جا پيڙ نظر آيا ۽ مڪمل گهرن کي باهہ وڪوڙ وٺي هئي ۽ اسان جو گهرن ۾ پيل مال متاع ان هنڌ بسترا ۽ پيو اٽہ تلا سڙي خاڪ ٿي ويو آهي ان ڪري اسان ڊي سي نوشهرو فيروز کي مدد جي اپيل ڪيون ٿا باهہ ڳوٺائن پنهنجي مدد پاڻ وسائي آهي ۽

فائربريگيڊ سميت انتظاميا مان ڪوب مدد لاءِ ناهي پهتو

بقايا 36

تي احتجاج ڪندڙ رهواسين مولا بخش مهيسر، شير محمد بروهي، نور احمد شاهاڻي، حاڪم علي مڪسي، مسعود احمد مهيسر عمران علي بروهي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي يوسي 5 جي ميرو خان چوڪ، يار محمد ڪالوني سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ گٽرن جو گندو پاڻي بيٺل آهي، ميرو خان چوڪ جي روڊ جو ڪم ڪيترن ئي سالن کان رولڙي جو شڪار آهي، جنهن سبب شهرين ۽ ڪاروبار ڪندڙن کي ڪيترن ئي ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، اهڙيون شڪايتون اسان ڪيترائي ڀيرا يوسي 5 جي چيئرمين محمد اسلم مغيري، ميونسپل ڪارپوريشن، ضلعي انتظاميہ ۽ چونڊيل نمائندن کي ڪيون آهن، پر تنهن باوجود هن وقت تہ روڊن تان گندو پاڻي نيڪال ٿيو آهي تہ نالين جي صفائي ٿي آهي، هنن چيو تہ هر مهيني يوسي کي لکين روپيا بجيٽ ملي ٿي پر افسوس جي اها بجيٽ غريب ۽ مستحق ماڻهن کي ڏيڻ بجاءِ من پسند ماڻهن تي خرچ ڪئي پئي وڃي. جيڪا سراسر زيادتي آهي. هنن پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر آصف علي زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ، ٻ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي يوسي چيئرمين کان پڇاڻو ڪري صفائي سٿرائي جو نظام بهتر بڻائي روڊن تي بيٺل گندو پاڻي نيڪال ڪرائي، روڊ تعمير ڪرائي يوسي جي عوام ۾ چانيل پريشاني دور ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 37

راضي ديري کان گمبٽ تائين پيادل مارچ، ڪنڊڪوٽ ۾ بدامني ۽ قبيلائي جهيڙن خلاف ريلي، مظاهرو تفصيل موجب جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران ڪارپوريٽ فارمنگ، سنڌو درياهہ تي ڪئنالن ۽ ڊيمز خلاف راضي ديري کان گمبٽ تائين پيادل مارچ ڪيو ويو مارچ جي اڳواڻي جيئي سنڌ قومي پارٽي جو جنرل سيڪريٽري هالار رڻ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. پيادل مارچ راضي ديري کان شروع ٿيو ۽ ٺنڊي وڏي ڳوٺ، اسٽاپ ۽ شهر کان ٿيندو ڪهڙا پهتو ان بعد پيادل مارچ گمبٽ پريس ڪلب پهتو جتي جلسي جي شڪل اختيار ڪري ويو جنهن کي هالار رڻ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر ۽ ٻين خطاب ڪيو هوڏانهن جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران ڪنڊڪوٽ ۾ قبيلائي جهيڙن ۽ بدامني خلاف قومي پارٽي سکر ڊويزن جي ڊويزنل صدر سلطان ننڌواڻي ۽ ڪشمور ڪنڊڪوٽ ضلعي جي صدر صادق باجڪاڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سکر ڊويزن صدر سلطان ننڌواڻي ضلعي اڳواڻ ڪامريڊ صادق باجڪاڻي مطالبو ڪندي چيو ته ڪافي عرصي کان وٺي ضلعي اندر بدامني ۽ قبيلائي جهيڙا عروج تہ آهن ۽ هروروز جي بيناد تي شهر جي اندر ڦرون ۽ اغوا معمول بڻجي ويا آهن. فوري طور تي ضلعي ڪشمور ڪنڊڪوٽ م وڌندڙ بدامني ۽ قبيلائي جهيڙا ختم ڪيا وڃن جيئن شهرين سک جو ساهہ کڻي سگهن. ٻئي طرف جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئنور جيو آهي تہ سنڌ کي هڪ پاسي بدامني، قبيلائي جهيڙن ۽ اغوائن ڌاڙن جي ور چاڙهيو ويو آهي، تہ ٻئي پاسي سنڌ خلاف وڏي پئماني تي سازشون ٿي رهيون آهن. ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان انيشيٽو جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضو ڪيو پيو وڃي. سنڌو ندي تي ڊيمن ۽ ڪئنالن جي صورت ۾ پنجاب دائمي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. پنهنجي درياهہ ۽ زمينن تي قبضا ٿيڻ نہ ڏينداسين. زمينون ۽ درياهہ بچائڻ لاءِ پرامن سياسي جدوجهد جاري رکنداسين.

بقايا 38

الہ آباد پاڙي جي رهواسي پورهيت پاران ريلوي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت غلام شبير ڪوسو ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ آئون اصل قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جو رهواسي آهيان، جڏهن تہ سال 2022ع دوران پيل برسات کان پوءِ پيدا ٿيل ٻوڏ واري صورتحال ۾ اتان لڏ پلاڻ ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي، جتي سرتڳاري جي مزدوري ڪري گهرياتين جو پيٽ پاليندو آهيان. هن الزام لڳايو تہ گذريل چنچر واري ڏينهن الہ آباد پاڙي جي گولي مار واري علائقي ۾ ٽئين تعمير ٿيندڙ جڳهہ تي مزدوري ڪري رهيو هيس، جتي ريلوي پوليس موٽڪي بنا جواز گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي وئي، جتي اهلڪارن موٽڪي ٿاڻي کي پوهارو ڏيڻ جو چيو انڪار تي هنن مون مٿان سخت تشدد ڪري اڪ ضايع ڪري ڇڏي آهي، اهڙي شڪايت ايس ايس پي آفيس سميت حد جي الہ آباد ٿاڻي تي پڻ ڪئي، پر تنهن باوجود ڪوتدارڪ ناهي ڪيو ويو جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن پاڪستان ريلوي جي وفاقي وزير، ريلوي پوليس جي اعليٰ عملدارن، ضلعي انتظاميہ ۽ پيپلز پارٽي جي مقامي قيادت کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي مون مٿان تشدد ڪندڙ اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ اک جو علاج ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 39

ڪرڻ تائين ماڻهن کي ڪا ب رليف فراهم ڪرڻ ناممڪن لڳي ٿو ملڪ جا ماڻهو شاهد خاقان عباسي ۽ ڊاڪٽر مفتاح اسماعيل جهڙين شخصيتن تي اميدون رکي رهيا آهن تہ جيئن اهي هن سڙيل نظام کي تبديل ڪري سگهن. تمام جلد اڳوڻو خزاني وزير ۽ عوام پاڪستان پارٽي جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مفتاح اسماعيل سکر جو دورو ڪندو عوام پاڪستان پارٽي سکر ڊويزن جا هزارين ڪارڪن سندس سکر پهچڻ تي گرمجوشي سان استقبال ڪندا اهڙن خيالن جو اظهار هن سکر جي مغل برادري پاران مغل هائوس ۾ منعقد ڪيل هڪ خاص تقريب جي موقعي تي ڪيو تقريب ۾ مٽياري ميمڻ، ڊاڪٽر ذوالفقار ابڙو، آغا طاهر مغل، ريحان مغل، راجا رياض مغل، محمد نديم، غلام حسين، شبير جوڳي، صادق مغيري ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ مغل برادري پاران صوفي شاعرن جي ڪلام پڻ منعقد ڪئي وئي. عوامي پاڪستان پارٽي سکر ڊويزن جي صدر امتياز احمد ميمڻ وڌيڪ چيو تہ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ۽ اڳوڻي ناڻي واري وزير ڊاڪٽر مفتاح اسماعيل جي قيادت ۾ آئوٽ ريچ مشن ۽ ميمبرشپ مهم ۾ ڪاميابيون ملي رهيون آهن ۽ چئني صوبن ۾ سياسي ۽ عوامي شخصيتون ٿئين سياسي ڪاروان جو حصو بڻجي رهيون آهن. انشاء الله، عوامي پاڪستان پارٽي آئين جي بالادستي، جمهوريت، ۽ ترقي ۽ خوشحالي جي خوابن کي پورو ڪندي.

بقايا 40

پارٽيءَ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ويو تفصيل موجب تہ يوسي ڪنب ليما جي مختلف ڳوٺن جي 20 نوجوانن مير راهو ۽ محمد حسن ڪوسو جي اڳوائيءَ ۾ ايس يو پي جي تعلقي قيادت وٽ پهتا جتي هنن سائين زين شاهہ جي قيادت تي اعتماد ڪندي ايس يو پي تعلقي سڪرنڊ جي صدر محمد ايوب ڪوسو ۽ جنرل سيڪريٽري علي سومرو سان ملاقات ڪري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي ايس يو پي يوسي ڪنب ليمان جو صدر شهمير خان جمالي ب موجود هو سمورن دوستن کي پليڪار ڪندي چيو تہ هن وقت سيد زين شاهہ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن جن ۾ غير قانوني ڪئنال ڪڍڻ، زمين هي واڙر ۽ وسيلن جي ڦرلٽ خلاف مجاهداڻو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. اٿڪري سڄي سنڌ سندس قيادت ۽ جدوجهد ۽ جاکوڙ تي يقين رکي ٿي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جا ماڻهو ايس يو پي ۾ شموليت اختيار ڪري رهيا آهن هنن چيو تہ ايس يو پي سنڌ جي حقن لاءِ ميدان عمل آهي ۽ اها جدوجهد ايستائين جاري رهندي، جيستائين سنڌ سورن ۽ جبر مان جان آجي نٿي ڪرائي.

پنوعاقل ۾ رولو ڪتن جو آزار، سوين رهواسي ڏاڙهجي ويا، مهم شروع نه ٿي

سخت گرمي سبب پنوعاقل شهر ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ رولو ڪتا چڙيا ٿي راهگيرن کي چڪڻ لڳا

گذريل ٻن مهينن ۾ 500 جي لڳ ڀڳ رولو ڪتن ماڻهن کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

410 ماڻهن کي بي ايڇ يو ۾ سپينسرين وٽ انجيڪشنين ڪرايون ويون، رهواسين پاران ڪتا مار مهم شروع ڪرڻ جي گهر

پنوعاقل (رپورٽ) پنوعاقل سخت گرمي سبب پنوعاقل شهر ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ رولو ڪتا چڙيا ٿي راهگير ماڻهن کي ڏاڙهڻ لڳا هام ڪورٽ سميت ٻين عدالتن ۽ اعلي آفيسرن جي حڪمن کي تعلقه /ڏسو صفحو 3 بقايا 03

نوابشاهه مان ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪن جي بازيابي لاءِ جسمر جو احتجاج

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه مان ڪنيي گم ڪيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

ڪنهن به تحقيقي ڪم لاءِ مطالعي سان گڏ مشاهداتي عمل ضروري آهي: اديب/شاعر

سڪرنڊ (رپورٽر) ڪنهن به تحقيقي ڪم لاءِ مطالعي سان گڏ مشاهداتي عمل /ڏسو صفحو 3 بقايا 05

پنوعاقل: آءِ بي اي پاس اميدوار آفر آرڊي نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

جماعت اسلامي جو جمعي ڏينهن بدامني خلاف سموري سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرن جو اعلان

پيپلزپارٽي جي صوبائي حڪومت ڪراچي کان ڪشمور امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي

پاڻي تي ڌاڙو، زمينن ۽ وسيلن تي قبضي جي سازش کان وٺي ڌاڙيل راڄ تائين، سنڌ چوطرف مافيائن جي گهيري ۾ آهي

سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ، ڀنگ لاءِ اغواءِ ڦرمار جي ڪارروائين ماڻهن جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي، ڪاشف سعيد شيخ جو اجلاس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ صوبي ۾ وڌندڙ بدامني، ڌاڙيل راڄ خلاف جمعو 23 مئي تي ڪراچي کان ڪشمور سنڌ /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

سکر ۾ ياچائي کي قتل ڪندڙ قاتل جوابدار گرفتار

ڳوٺ امير بخش ڪلهوڙو ۾ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل عورت جو جوابدار گرفتار ٿي ويو

پوليس مبينا طور ياچائي کي قتل ڪندڙ عاشق ولد عبدالرسول ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري ورتو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ويجهو ڳوٺ امير بخش ڪلهوڙو ۾ ڪارهن الزام هيٺ بي دردي سان قتل ٿيل عورت واري /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

وڳڻ ۾ پوليس چڙهائي دوران ڪنيل ڪنوار جو ڏاج سونا زيور، رقم واپس نه ٿيا: متاثرن جو احتجاج

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ويجهو پوليس چڙهائي دوران ڪنيل ڪنوار جو ڏاج سونا زيور رقم واپس نه ڪرڻ تي متاثرن انصاف جو مطالبو ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

سڪرنڊ ۾ مختلف برادرين جي 20 نوجوانن پاران ايس يو پي ۾ شموليت جو اعلان

سڪرنڊ (رپورٽر) تعلقي سڪرنڊ جي يونين ڪائونسل ڪنب ليما جي مختلف برادرين جي 20 نوجوانن پاران سنڌ يونائيٽيڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

وسيلن بچائڻ لاءِ سنڌ جا ماڻهو احتجاجي مزاحمت جي سگهه رکن ٿا: زين شاهه

ڪارپوريٽ فارمنگ بابت سنڌ جي عوام فيصلو ڪڏهن به قبول نه ڪندي: حسنين مرزا

گرين پاڪستان جي نالي تي سنڌ جي ماڻهن سان تاريخي دوکو ڪيو پيو وڃي: امير آزاد پنهور

ايس يو پي ۽ جي ڊي اي پاران بدين جي احمد راڄو جي چڪ 84 جي ڳوٺ آچار راڄو ۾ احتجاجي جلسي کي خطاب

بدين (ڊ ر) سنڌ جون زمينون درياهه پاڻي ۽ معدني وسيلا بچائڻ لاءِ سنڌ جا ماڻهو احتجاجي مزاحمت جي سگهه رکن ٿا پر هر قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار آهن ايس يو پي اڳواڻ سيد زين شاهه جي ڊي اي اڳواڻ حسنين /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

بدين: ايس يو پي مرڪزي صدر زين شاهه ريلي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ ۾ ساگر ملاح ۽ امتياز ڀٽي جي بازيابي لاءِ جسمر پاران احتجاجي ريلي

جسمر جي ريلي چانڊيا پيٽرول پمپ کان مختلف رستن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهتي

ساگر ملاح ۽ امتياز ڀٽي کي ڪنيي گم ڪرڻ ڪانپوءِ سندن ڪو ڏس پتو ناهي، مٿن ڪو به ڪيس ناهي: اڳواڻ

گڏيل قومون معاملي جو نوٽيس وٺن، قومي ڪارڪن کي فورن آزاد ڪيو وڃي: مطالبو

سڪرنڊ (رپورٽر) جيئي سنڌ محاذ جي ڪارڪنن ساگر ملاح ۽ امتياز ڀٽي کي لڳ ڀڳ ٽي مهينا اڳ رات جي پيٽ ۾ کين سندن گهرن مان ڪنيي گم ڪرڻ خلاف جسمر پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

سڪرنڊ: جسمر پاران ساگر ملاح ۽ امتياز ڀٽي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

موهن جي دڙي ڪيترائي جنگي هٿيار مليا، ڇهه لک نوادرات کڄي ويا: محقق

کوٽائي مان نڪتل پنج سيڪڙو سامان به ڪونهي، 35 ڪلوگرام سون جا ڳهه ۽ انيڪ مهرون به مليون هيون

موهن جي دڙي جي ٻوليءَ مان اسين پنهنجي انگريزي الفابيٽ جا اٺ اکر ورتا آهن: پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شر

لاڙڪاڻي ۾ "سنڌو تهذيب جو عروج ۽ زوال سبب ۽ اثر" جي موضوع تي ليڪچر پروگرام

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي پاران آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻي جي ادب /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

تعليم کان سواءِ ڪو به سماج ترقي نٿو ڪري سگهي: لالا ارشد خاصخيلي

والدين پنهنجي ٻارن، خاص طور نياڻين کي اسڪول موڪلڻ جو پابند بڻائين

اسڪول داخلا مهم جو مقصد آهي ته هر ٻار اسڪول موڪلڻ آهي: ڪلهجائي کي خطاب

سڪرنڊ (رپورٽر) "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ميٽنگ ڊائريڪٽر گهنور /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

لاڙڪاڻا چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري طرفان پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي طور ريلي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ يوم تشڪر جي حوالي سان لاڙڪاڻا چيمبر آف /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

لاڙڪاڻي ۾ اکين جي نور کان وانجهيل پيرسن جو مسئلن جي حل لاءِ احتجاج

3 مهينا اڳ بااثر سالن بنا جواز گهرواريءَ کي ورغلائي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو آهي: ٻنگل ڪورڪائي

مون کي موتمار ڌمڪيون پيا ڏين، ميڙ منٿ نٿا مڃن، گهرواري واپس ڪرائي انصاف ڪيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ نور محمد ڪورڪائي جي رهواسي اکين جي نور کان محروم پيرسن طرفان سالن /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

نواب ولي محمد: علامه حافظ تاج محمد راهو 65 سالن جي ڄمار لاڏاڻو ڪري ويو

نواب ولي محمد :نواب ولي محمد شهر جي جامع مسجد جي خطيب ،مدرسه عربيه /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

لاڙڪاڻو: حيدري ٽائون جي رهواسين پاران علائقي ۾ صفائي سترائي نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ميرو خان چوڪ، يار محمد ڪالوني سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ گندو پاڻي بيٺل آهي: مظاهرين

شهرين ۽ ڪاروبار ڪندڙن کي ڪيترن ئي ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، صفائي نٿي ٿئي

روڊن تي بيٺل گندو پاڻي نيڪال ڪرائي، روڊ تعمير ڪرائي يوسي جي عوام ۾ ڇانيل پريشاني ختم ڪريو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي يوسي 5 حيدري ٽائون جي رهواسين پاران علائقي ۾ صفائي سترائي نه ٿيڻ خلاف ميرو خان روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

لاڙڪاڻو شهري صفائي سترائي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي ٻي پاسي روڊ تي بيٺل گندي پاڻي جو ڏيک

روهڙي: حادثي جو شڪار ٿيل ٽيڪري اسپتال ۾ داخل آهي

روهڙي ويجهو ڪوچ جي ٽڪر ۾ عورت فوت، معصوم ٻارڙي سميت 2 ڄڻا زخمي

نيشنل هاءِ وي تي بيگر نصرت پلير پيٽرول پمپ جي ويجهو تيز رفتار مسافر ڪوچ جو موٽر سائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار 60 سالن جي عورت فوت، ٻارڙي سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي ويجهو تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ عورت فوت 7 سالن جي نياڻي سميت 2 ڄڻا زخمي اسپتال /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

شهدادپور جي رهواسي بيواهه عورت جي جڳهه تي قبضي ڪندڙن خلاف احتجاج

مڙس ظفر عباسي فوت ٿي ويو، ڏير غفور الدين عباسي جڳهه تي قبضو ڪيو ويٺو آهي: بيواهه شازيه

حق ڏيارڻ لاءِ وڏن کان اپيل، ٻارن سميت گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

نواب شاهه (رپورٽر) شهدادپور جي رهاڪو بيواهه شازيه عباسي پنهنجي پٽ سفيان ۽ مهتاب سان نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ڪراچي: جماعت اسلامي جو امير ڪاشف سعيد شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

جنگ سيني سياسي پارٽين کي متحد ڪيو: علامه اورنگزيب فاروقي

جڏهن به پاڪستاني فوج جا سپاهي نظر اچن ته انهن تي گلن جي برسات ڪرڻ گهرجي

اسان کي پاڪ فوج جي حق ۾ نعرا هڻي انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي

سانگهڙ (رپورٽ: غلام رسول تاريجو) (سانگهڙ سٽي ڪوآرڊينيشن ڪائونسل) پاڪستان جي مرڪزي صدر غازي اسلام /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سکر ۾ قائم درجنين فلٽر پلانٽ بند، عوام صاف پيئڻ جي پاڻي کان وانجهيل

ڪجهه سال اڳ سکر شهر سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ وڏي رقم خرچ ڪري فلٽر پلانٽ لڳايا ويا

حڪومت ۽ انتظاميه جي ڪوتاهي سبب فلٽر پلانٽ بيڪار، ماڻهو گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور: رهواسي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم ڪيل درجنين فلٽر پلانٽ بند، عوام صاف پيئڻ جي پاڻي کان /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

ميهڙ ٿاڻي جي حد هيٺ بائي پاس ڪڪول واهه موٽر سائيڪل ڦر

ڌوڙائي ڌوڙائي ٻن ڌاڙيلن کي پڪڙي ورتو سخت مزاحمت بعد هڪ ڦورو فرار ٿي ويو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ ٿاڻي جي حد هيٺ بائي پاس ڪڪول واهه جي موري کان وحيد چانڊيو جي پائيتو حسنين چانڊيو کان /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

سيتا رجا ويجهو گم ٿيل نوجوان جو درگاهه شهيد پاڪ وڻان تشدد ٿيل لاش هٿ

ڳوٺ صوفائي سهتا مان پاڻي جي واري تان گم ٿيل نوجوان پرويز علي سهتو جو ڳوٺ ٻاهران تشدد ٿيل لاش هٿ آيو

اطلاع تي وارثن ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ميرواهه اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي، واقعي جو اڃان تائين ڪيس داخل نه ٿيو آهي: (وارث) جاچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

سيتارجا (رپورٽ: سيد زبير علي شاهه بخاري) 3 ڏينهن اڳ ڳوٺ سيتارجا لڳ ڳوٺ صوفائي سهتا مان پاڻي جي واري تان گم ٿيل نوجوان پرويز علي سهتو جو اڄ ڳوٺ ٻاهران درگاهه شهيد پاڪ وڻان تشدد /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

سڳيون: پ پ اڳواڻ الهورايو خان چنو جو نوجوان پٽ جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سڳيون جي پ پ اڳواڻ الهورايو خان چنو جو نوجوان پٽ لاڏاڻو ڪري ويو

تعلقي سيوهڻ جي اڳوڻي صدر جو 30 ورهين جو پٽ الطاف حسين بيماري رکهي لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز سڳيون پرسان مشهور درگاهه ميان فيض محمد فقير جي لوڙهي ۾ ادا

سڳيون (رپورٽر) سڳيون پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينيئر اڳواڻ تعلقي سيوهڻ جي اڳوڻي صدر الهورايو خان چنو /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

پنوعاقل ۾ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن هوندي به ٻاري سگهي

هر گهٽي ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ عطائي ڊاڪٽر نيم حڪيم ۽ سيڪڙن ڪمپائونڊرن جا دڪان کليل

اڻڄاڻ عوامي کي موذي مرضن ۾ ڦاسائي لکين روپيا ڦٻائيندڙ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي نه ٿي

پنوعاقل (رپورٽر) پنوعاقل ۾ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن هوندي به ٻاري سگهي ٿي پنوعاقل جي هر گهٽي ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ عطائي /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

سکر: ميون جو بادشاهه انب مارڪيٽ ۾ اچي ويو

"سنڌڙي" سميت ٻين انبن جي خريد و فروخت شروع

طلب ۽ اگهن ۾ واڌ ان سلسلي ۾ واپاري خريد و فروخت لاءِ رٿابندي ڪري ڇڏي

سکر (بيورو رپورٽ) انتظار جون گهڙيون ختم، ميون جو بادشاهه انب مارڪيٽ ۾ اچي ويو سنڌڙي سميت ٻين قسمن جي انبن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

سکر: نوجوان پورهيت انب وڪرو ڪري رهيو آهي

جسقم پاران مختلف شهرن ۾ بدامني ۽ وسيلن جي مالڪي حوالي سان ريليون

ڪنڌڪوٽ ۾ بدامني ۽ قبيلائي جهيڙن خلاف ريلي ڪڍي احتجاج مظاهرو ڪيو

سنڌ کي بدامني، قبيلائي جهيڙن ۽ اغوائن ڌاڙن جي ورچاڙهيو ويو آهي: نواز خان زنئور

گمبٽ/ڪنڌڪوٽ/حيدرآباد (نمائندن وتان) قومي پارٽي پاران ڪارپوريٽ فارمنگ، سنڌو درياهه تي ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

لاڙڪاڻي جي پورهيت جو ريلوي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

مزدوري پئي ڪيم ته ريلوي پوليس مونکي بنا جواز گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي وئي: غلام شبير ڪوسو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

گولاڙچي ۾ ڪيوائي تي جو پيادل مارچ، حڪمران سنڌ کي صرف ڏنا ڏنا: اياز لطيف

سنڌين سان دوکو ڪيو ويو آهي، حڪمران سنڌ جي عوام کي ڏنا ۽ سڪتا دلاسا ڏيئي ڪينال ناهين پيا

حڪمران سنڌ جي عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ واهه واهه ۽ مبارڪون مبارڪون جون صدائون هڻي جشن پيا ملهائين

سنڌ جي پيرن هيٺان زمين پئي نڪري ۽ اسان ايئن ٿيڻ نه ڏينداسين: گولاڙچي ۾ پيادل مارچ کي خطاب

گولاڙچي (رپورٽر) 6 نيان ڪينال ناهي سنڌو درياهه تي ڌاڙي ۽ زمينن جي نيلامي خلاف گولاڙچي ۾ عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي اڳوائي ۾ هزارين ماڻهن باءِ پاس چوڪ کان پيادل مارچ ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

گولاڙچي: ڪيوائي تي سربراهه اياز لطيف پليجو جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

دڙو: 99 واري مها طوفان "سائيڪلون ٽو اي" کي 26 سال مڪمل، گهاتو گهر نه آئيا

سجاول، ٺٽو ۽ بدين ضلعن ۾ بدترين تباهي آڻڻ کان پوءِ به سمنڊ ته خاموش ٿي ويو پر متاثرن جا زخم ساڳيا رهجي ويا

حڪومتي سطح تي ٿيل سمورا سڪتا اعلان به اڌورا ئي رهجي ويا، رهواسي قدرتي آفتن سبب غير محفوظ بڻيل

طوفان ۾ 5 هزار 2 سؤ سگهون ۾ گهٽ ۾ گهٽ 6 لک ماڻهو متاثر ٿيا، 82,181 گهر مڪمل تباهه ٿيا

دڙو (رپورٽ: وفا چاندين لاشاري) "گهاتو گهر نه آئيا!!" 19 مئي 1999 تي سنڌ جي سامونڊي پٽي ۾ آيل جهرڙيندڙ سامونڊي /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

وزيراعظم نواز شريف ۽ هاڻوڪي وزيراعظم شهباز شريف جا اعلان اڌورا

ست پيرا دورا ڪري هر پيري ڪيترائي اعلان ڪندڙ شريف پائرن ڪجهه به نه ڏنو

اسٽامپ پيپر تي قسر ناموٽي صرف 30 هزار ڏنا ويا، جيڪي به سڀني کي نه مليا: متاثر

دڙو: 1999 جي مها طوفان ۾ سون جي تعداد ۾ ماڻهن جي فوت ٿيڻ ۽ هزارين گهر تباهه ٿي وڃڻ کان پوءِ ان وقت جي / ڏسو صفحو 3 بقايا 12

طوفان جا متاثر اڄ به غربت ۽ فاقا ڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور

دڙو: 26 سال گذرڻ باوجود به اڃان تائين /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

پٽ شاهه ويجهو ڦرجون 2 وارداتون پيش، ڦورو فرار

هريش ڪمار ولد ڪيسومل کان نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زور تي موبائل ڦر ڪري ويا

واڻهڙ وقار ساهرووان کان 2020 ماڊل سي ڊي موٽرسائيڪل ڦر ڪري آرام سان فرار ٿي ويا

پٽ شاهه (رپورٽر) پٽ شاهه ٿاڻي جي حد ڪنڊيو اسٽاپ تي ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل سوار 2 نامعلوم هٿياربند ڦرجون 2 /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ميهڙ ۾ جتوئي برادري جي نوجوان جي قتل مامري جو فيصلو ٿي گذريو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ شهر ۾ امانت طور بيٺل شهزور گاڏي جي مامري تان جتوئي ڪمانگر /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

نواب ولي محمد ۾ سيوهڻ پوليس جي زيادتين خلاف متاثرن جو احتجاج، دانهون

پاڻ سعيد آباد واسي عورتن مسمات حسين ماڇي، مسمات خانزادي ماڇي ۽ ٻين پوليس خلاف احتجاج ڪيو

ايس ايڇ او منظور ڊل ۽ پاڻ ايس ايڇ او لطيف راڄپر گهر ۾ گهڙي منهنجي مڙس کي بيگناهه ڪنيي گم ڪيو: مظاهرين

منهنجي مڙس کي ڪجهه به ٿيو ته ذميوار پوليس هوندي، متاثر پاران گرفتار مڙس جي آزادي جي گهر

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد ۾ پاڻ سعيد آباد واسين جو سيوهڻ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج اختيارين کان انصاف جو مطالبو

نواب ولي محمد: پوليس جي زيادتين خلاف عورتون احتجاج ڪري رهيون آهن

اسلام ڪوٽ جي مختلف اسڪولن ۾ يوم تشڪر جو ڏينهن ڀرپور نموني ملهايو ويو

ڳوٺ ڏوڏي جو وانڊيو، سڪپر، ڪاروڙو، اوڻ جو وانڊيو سميت ڪيترن ئي اسڪولن ۾ تقريبون منعقد

اسڪولن مان نڪتل ريلين ۾ شاگردن قومي جهنڊن، بينرن ۽ نعريبازي سان حب الوطني جو شاندار اظهار

تقريبن ۾ سياسي اڳواڻن، سماجي ڪارڪنن، مقامي معزز ڳوٺاڻن ۽ عورتن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) ٿرپارڪر تعلقي پاڪستان پاورٽي ايليويئيشن فنڊ (PPAF) جي سهڪار سان هلندڙ ۽ ٻاهن ٻيلي جي مختلف ڳوٺن ۾ اسڪولن ۾ "يوم تشڪر" جو ڏينهن وڏي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

اسلام ڪوٽ: مختلف اسڪولن جي شاگردن پاران يوم تشڪر جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

لاڙڪاڻي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي طرفان مزدور دشمن پاليسين خلاف احتجاجي ريلي

پينشن سڌارن جي آڙ ۾ رٽائرڊ مزدورن جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي: ذوالفقار بروهي

پاسي مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت تي سرڪاري ادارن ۾ عمل نه پيو ڪيو وڃي: اثر امام ۽ ٻيا

مزدورن کي رليف مهيا ڪرڻ سان گڏ ادارن کي خانگائڻ بند ڪري ٺيڪيداري نظام ختم ڪريو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي طرفان مزدور دشمن پاليسين خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو جتي هٿن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ تنظيمي جهنڊا /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

پٽ شاهه ۾ جي يو آءِ سني طرفان پرچم ڪشائي، پاڪ فوج کي ڀيٽا

جي يو آئي سميت ملڪ جو عوام پنهنجي پاڪ فوج ۽ ملڪ سان گڏ آهي: اڳواڻ

پاڪ فوج جي دشمن ڀارت کي ڀرپور جوابي ڪارروائي تي عوام کي فخر آهي

پٽ شاهه (رپورٽر) پٽ شاهه ۾ جمعيت علماءِ اسلام سني طرفان دنبوره چوڪ تي جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪئي وئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

لاڙڪاڻو: چيئرمين دڙي ٽائون پاران شهرين ۾ سولر پليٽون، بيٽري ۽ سولر پکا ورهايا ويا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ايم پي اي سهيل انور سيال جي پاءُ چيئرمين دڙي ٽائون /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

جرووار ٿاڻي جو ننڍو منشي اسد قاضي معطل

نوجوان نويد چنو جي قتل ڪيس ۾ رشوت وٺڻ جي الزام هيٺ ننڍو منشي معطل ڪيو ويو

اسان کان ڪيس تيار ڪرڻ ۽ چالان ڪرڻ جا هزارين روپيا ورتا اٿس: وارثن جي ايس ايس پي کي دانهن

جرووار (رپورٽر) جرووار ۾ 26 ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل نوجوان نويد چنو جي قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي سپورٽ ڪرڻ ۽ مقتول جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو بااثر مائٽن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج، دانهون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي معظم ڪالوني جي رهواسي پورهيت /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

پرياروڊ پرسان ڪچري کي لڳل باهه ڳوٺ کي وڪوڙي وئي

ڳوٺ فتح محمد پنجابي ۾ باهه لڳڻ سبب نياڻين جو ڏاج سميت الهه تلهه سڙي فوت

باهه ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ وسائي ۽ فائربرگيڊ انتظاميا مدد لاءِ ناهي پهتي: متاثر

اسان جو گهرن ۾ پيل مال متاع ان هنڌ بسترا ۽ ٻيو الهه تلهه سڙي خاڪ ٿي ويو آهي

پرياروڊ (رپورٽ: محبوب توناري) پرياروڊ پرسان ڳوٺ فتح محمد پنجابي ۾ پنجن گهر کي ڪچري جي پيل ڍير مان باهه وڪوڙي الهه تلهه نياڻين جو ڏاج سڀ ڪجهه سڙي ويو متاثرين ڪاشف ناصر راشد آرائين /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

پريا روڊ: ڪچري مان ڳوٺ کي لڳل باهه ۾ سڙي رک ٿيل سامان جو ڏيک

پاڪستان جا مظلوم ماڻهو موروثي سياست کان تنگ اچي چڪا آهن: امتياز احمد ميمڻ

ملڪ ۾ سڙيل نظام کي تبديل ڪرڻ تائين ماڻهن کي ڪا به رليف فراهم ڪرڻ ناممڪن لڳي ٿو

عوام پاڪستان پارٽي سکر ڊويزن جا هزارين ڪارڪن سندس سکر پهچڻ تي گرمجوشي سان استقبال ڪندا

چئني صوبن ۾ سياسي ۽ عوامي شخصيتون نئين سياسي ڪاروان جو حصو بڻجي رهيون آهن

سکر (بيورو رپورٽ) عوام پاڪستان پارٽي سکر ڊويزن جي صدر امتياز احمد ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان جا مظلوم ماڻهو موروثي سياست کان تنگ اچي چڪا آهن ملڪ ۾ سڙيل نظام کي تبديل /ڏسو صفحو 3 بقايا 39